

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنسار وڏو منڊآ

(شاعري)

مارُو جمالي

اُڏام پبليڪيشن - دادو
2006ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڏام پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر ـ 1

ڪتاب جو نالو: سنسار وڏو مَنڊ آ
موضوع: شاعري
شاعر: مارُو جمالي
ڇاپو: پهريون
سال: آڪٽوبر 2006ع
ڇپائيندڙ: اڏام پبليڪيشن، دادو
ڪيليگرافي: هرجي
ڪمپوزنگ: قمرالدين ڪوسو
انٽيل ڪميونيڪيشنز، ربي چيمبر، گاڏي کاتو حيدرآباد
ٽائيٽل ڊزائين: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد

اسٽاڪسٽ:
سچل بوڪ سينٽر، ممتاز مارڪيٽ، حيدرآباد
ڪريمي بوڪ هائوس صدر، حيدرآباد
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر
قاسم ميمڻ بوڪ اسٽال، دادو
سليم نيوز ايجنسي، دادو
شان بو ڊپو سانگهڙ
ڪانياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي
حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ، سجاول
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو
شاهه لطيف ڪتاب گهر، ميهڙ
جنيد بوڪ ڊيپو، بدين
ڪتاب مرڪز، فريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ، مهراڻ مرڪز، سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپورميرس
فيصل بڪ ڊپو، ڪڪڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائنات

جي نانءِ

جيڪا صرف پنهنجي

جانيءَ ڪي ٿي

سجاڻندي آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنّاءُ

- اداري پاران — ذوالفقار گاڏهي 6
- ڪا تہ معنيٰ رکي ٿو (مهاڳ) — آثم ناٿن شاهي 7
- دل اجا ساٿ ڏي — مارُو جمالي 16
- دل کي آهن دليل پنهنجا — مشتاق پرڳڙي 24

■ **شاعري**

گيت

غزل

نظم

آزاد نظم

وائي

پنجڪڙا

ترائيل

بيت

ٻہ ڏيڍوٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري پاران

اڏام پبليڪيشن جو قيام ادب جي خدمت ڪي ذهن ۾ رکي عمل ۾ آيو. ان سلسلي ۾ اڏام پبليڪيشن جا ٻه شمارا هيل تائين منظرِعام تي اچي چڪا آهن.

اڏام پبليڪيشن هڪ وک اڳتي وڌائيندي فيصلو ڪيو آهي ته نئين ٿهيءَ جي اديبن ۽ شاعرن جا ڪتاب ڇپائي سنڌي ادب جي جهول، خوبصورت گلن سان ڀريندي ٻولي ۽ ادب جي قرض ۽ فرض جي ادائگيءَ جي سلسلي کي جاري رکجي.

ان سلسلي جي پهرين مراد نئين ٿهيءَ جي خوبصورت شاعر مارُو جماليءَ جي شعري مجموعي ”سنسار وڏو منڊ آ“ جي صورت ۾ اوهان جي سامهون آهي.

هن کان اڳ ”سونهن شاعت گهر“ پاران، مارُو جماليءَ جو هڪڙو ڪتاب ”پرينءَ جون اکيون“ ڇپجي چڪو آهي ۽ مارُو جماليءَ جي هي ٻي موڙي آهي، جيڪا هُو ادب جي بارگاهه ۾ نذرانءِ عقيدت طور پيش ڪري رهيو آهي.

مارو جمالي ڪيترو پڪو ۽ پختو شاعر آهي؟ اُن جو فيصلو اوهان پڙهندڙن تي ڇڏيندي، مان رڳو هتي هي وضاحت ڪرڻ ٿو چاهيان ته سندس شاعريءَ ۾ توهانکي ڏکن جو ذڪر به ملندو ته سُکن جو به. ذرتيءَ جو ذڪر به ملندو ته سرتيءَ جو به. سندس شاعريءَ ۾ ڪجهه ڳوڙها به آهن ته مُرڪون ۽ ٽهڪ به. سونهن سان شناسائي به ٿئي ٿي ته اوسيئڙي سان همر نوائي به. مطلب ته محبت کان وٺي نفرت تائين، پرينءَ جي نازن ادائن کان وٺي سندس بيرُخيءَ تائين ڪيترا ئي رنگ توهان کي سندس شاعريءَ ۾ ملندا.

هت مان پنهنجي طرفان هڪڙي ڳالهه ضرور چوندس ته جنهنکي واقعي به شاعري چئجي، اهڙي شاعري توهانکي هن ڪتاب ۾ ضرور ملندي. ڪتاب بابت اوهانجي قيمتي راين جو اوسيئڙو رهندو.

ذوالفقار گاڏهي

03063250132

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

ڪا تہ معنيٰ رکي ٿو

ڪنهن وٽان بہ اکر بہ (ڪنهن علم ڪنهن هنر جا) ڪو ماڻهو سکيو/ پڙهيو اهو استاد ٿي چڪو ۽ پوءِ انهيءَ شخص جو احترام عمر ڀر لاءِ لازمي ٿي ويو. مان سائين محسن ڪڪڙائي (مرحوم) کي اجا تائين داد ڏيندو پيو اچان ۽ زندگيءَ تائين ڏيندو رهندس، جو ان وٽ ”مردم شناسيءَ“ (جوهر_ ٽيلنٽ کي تاڙي وٺڻ) جي ذات ڪيترن جي مقابلي ۾ وڌيڪ هئي. مان بہ محسن جي دريافت آهيان، محسن مونکي اهڙو سڃاتو، جو سنڌ، هند کان ٻاهر تائين بہ منهنجي سڃاڻپ ٿي وئي. تہ پوءِ مان احسان فراموش چئبس، جي محسن جو احترام ڪرڻ ڇڏي ڏيان.

مارو جماليءَ جي شاعراڻي عمارت بہ محسن جي کڙي ڪيل آهي. عمارت جو نقشو نئين طرح سان ٺاهڻ وارو انجنيئر قابل ۽ بنياد مضبوط هجي، تہ اها خوبصورت ۽ پائدار بڻجي ويندي آهي، تہ ماروءَ کي بہ پنهنجي پيرن تي پختو بيهارڻ وارو محسن ئي هيو.

ادبي دنيا ۾ بہ وڏي بي انصافي پئي هلي. تيليءَ مان ٽنب ۽ نوڙيءَ مان نانگ تہ ٺاهيو پيو وڃي، پر ٽنب کي ٽنب ۽ اوچي کي اوچو چوڻ ۾ عار پيو ٿئي. عيب پيو پانيو وڃي. مارو ڏاڍو باصلاحيت شاعر آهي، پر هو اهڙي ئي ادبي پارٽي بازيءَ جي ”بہ اکيائي“ جي ٻوٽيل اک جي اڳيان بيٺل آهي. کليل اک هن کان پري هٽائي وئي آهي. ڪاش! ماروءَ جي دوستن جو بہ ڪو وڏو گروپ هجي ها جيڪو هُن کي هن جو صحيح مقام ڏياري سگهي ها. ماروءَ جي اصل ۽ وڏي خوبي اها آهي تہ هن جي شاعريءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سادگي ۽ بي ساختگي گهٽي آهي. ڪهڙو بہ موضوع هجي، عشق جو آغاز پيار جي پڇاڻي، وصل، وڇوڙو سندرتا، ڪنورتا، چاهت نفرت منظر ڪشي هجي يا حقيقت نگاري. ماروءَ ان کي آمد واري ڪيفيت ۾ تز جملن ۽ عوامي لفظن وارو روپ ڏئي اهڙي رواني‌ءَ سان پنهنجي شاعري‌ءَ ۾ سمايو آهي، جو اها ساهن ۽ سماعتن کي پياري لڳي ٿي. اهوئي سبب آهي جو هو جڏهن محراب پور ۾ استاد گلزار علي خان (مرحوم) جي ياد ۾ سڏايل مشاعري تي اچي ٿو ۽ پنهنجو غزل پڙهي ٿو:

"تو پاڄھ چني ورتي ٻڙڌول تہ تيٽو هو
جذبن کي، جواني‌ءَ کي ڪشڪول تہ تيٽو هو.
ٿي سام پڳس تو وٽ، هڪ رات رهيس تو وٽ،
پوءِ صبح جو بستر کي پڪ گول تہ تيٽو هو."

تہ ماڻهن ۾ ٻڙڌول تہ نہ ٿو پوي، چؤطرف "چوٻول" ضرور ٿئي ٿو. ميدان ۾ وينل پنج- ڇهہ سؤ ماڻهن مان ڪي بہ اهڙا هٿ ڪونہ هئا، جن تاڙي نہ وڄائي هجي. انهي‌ءَ غزل ۾ ڪو گهرو فڪر يا ڌماڪيدار پيغام ڪونهي، ان جي پسنديدگي‌ءَ جو سبب، صرف هن جي سادگي، عوامي ليول جي ٻولي ۽ نغمگي ئي آهي، جنهن ماڻهن کيِ تاڙين وڄائڻ تي مجبور ڪيو هو.

هونئن تہ پيار ڳوٺن ۽ شهرن ۾ قدر مشترڪ (Common) آهي، پر ان جي شروعات، ان جو انجام (پڇاڙي) اَن ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جا طريقا، اشارن ۽ ادائن جا رنگ- ڍنگ، پيغام، سنيها پڄائڻ جا نمونا، ڳوٺن (ٻهراڙين) ۾ شهرن کان مختلف ٿين ٿا. هن اسان جي "مارو‌ڙي" (مارو) شاعرِ پنهنجي پيار جي اهڙن پلن جي عڪاَسي تجربيڪار عڪاس وانگر ڪئي آهي. پيار جي شروعات ڪيئن ٿئي ٿي ۽ ان جا اهڃاڻ ڪيئن ٿا ظاهر ٿين:

"جوين جي رُتِ ۾ هڪ ڇوري
منهنجي ويئي پلٽي ڪايا."

روڊ متان ڪا، راٽي گذري،
ڪنهن جي پيار – ڪهاڻي گذري."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تي ڏئين هر هر ڦٽي،
جيئن تون هُن کي وٽي
پاڻُ چو ٿاهين پئي-
نيڻ تنهنجا تا ڏَسن.“ (گيت)

”عشق جي هن راهہ ۾
۽ چرئي هِن چاهہ ۾
تي پئي آ چلولي
هوءَ جوين- موڙ تي.“ (گيت)

هڪ لفظ آهي ”کيچلي“ ۽ ٻيو لفظ آهي ”چلولِي“. کيچليءَ جي معنيٰ تي سگهي ٿي، پر چلولِيءَ جي معنيٰ ڪهڙي؟ ياَ تہ انهيءَ جي ڪابہ معنيٰ ڪانهي، يا تہ انهيءَ جون ڪوڙ معنائون آهن. انهيءَ لفظ کي اسان پنجابيءَ جي لفظ ”چَلِي“ جي مقابلي ۾ رکي سگهون ٿا. جنهن جي معنيٰ آهي ”بي سُڌِ“، ”مستاني“ وغيره. خيرا چلوليءَ جي معنيٰ ڪهڙي بہ ڪٽي هجي، پر انهيءَ لفظ ۾ ايترو تہ موهہ ۽ پاٻوهہ آهي جو ان کي وري وري پيو ورجائجي ۽ بس. لڳي ٿو تہ ماروءَ جو مزاج ننڍپڻ کان ئي عاشقاڻو آهي.

”ميرا مزاج لڑکپن سے عاشقانہ ہے“

سو ماروءَ جو عاشقاڻو مزاج هُن کان هِن طرح جا شعر بہ لکرائيندو رهيو آهي.

”مارو! تون بہ شڪاري نڪتين-
وقت وڃايئہ هرڻ جهتيندي.“

ماروءَ جي شاعريءَ جا لهجا ٻڌائن ٿا تہ هو رولاڪ نہ عاشق آهي ۽ هر عشق سڦل (سڄايو) بہ ڪونہ ٿيندو آهي.
بعضي بعضي هرڻ بہ جهتڻا پئجي ويندا آهن. ”هرڻ جهتڻ“ هڪ محاورو آهي. (ماروءَ ان کي پنهنجي شاعريءَ ۾ محفوظ ڪري، هُن جي حياتي وڌائي ڇڏي آهي) جنهن جو مطلب آهي اهڙا مشڪل ڪم ڪرڻ، جهڙا هرڻ جهتڻ مشڪل هوندا آهن.
ماروءَ جي شاعريءَ مان ٻهراڙيون ائين ٿيون جهلڪا ڏين، جيئن آئينن مان اولڙا. اُتان جو ماحول، اتان جي رهڻي ڪهڻي، اتان جي پيار جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڇا، اتان جي سُريتين لاءِ سرتن جي سوڪڙين جا قسم ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه، اتان جي روايتن ۽ رسمن مطابق آهي، هنن شعرن تي غور ڪيو.

”چڏ ٻهانا: هو ڀهاڪو تو ٻڌو ناهي ڇري!
جَتُ ڪڙهه تي ڪير پياري جي سچائيءَ تي چڙهي“
پيا ٻه ڪيئي سونهن تنهنجيءَ تي ڏنم عاشق هيا.
لوڪ ساريون تهمتون مون تي ڇڏيون آهن مڙهي.
هُن هٽي مُهري. وڏي اُڪري پيچي ويس هٿ ڦِري.
سامهونؑ ماروَ هيس پوءِ ڪَيئن چوري اَنُ چڙهي.“

”چتائي ڏسڻ ڪا تہ معنيٰ رکي تو
چپن ۾ ڪلڻ ڪا تہ معنيٰ رکي تو.
”ڪڏهن ياد آياسين“ هُن ڪان پڇيو مون
”الائي“ چوڻ ڪا تہ معنيٰ رکي تو.“

”باجھہ منجھان جي تون تي ٻولين
منهنجي اڳيان جي تون تي ڪولين
چولي جا هي تَڇّ ٻٽڻ۔
پارُ ٻلي پوءِ ڪيئن سگهان.“ (گيت)

”موهہ ماٿهوءَ جو ڪڏهن مايا خريدي آ سگهي؟
سوڪڙي تي جي ملن تا لک لهن سي ئي چلا.
يارُ ميلي تي ويوَ تس، پڪ آئيندس سڳيون.
هيءَ دعا ويني گهري ”شل خير سان موٽي الا.“

مٿين شاعريءَ ۾ ”جَتُ ڪڙهہ تي ڪير پيارڻ“ وارو ڀهاڪو+ مُهريءَ سان اڪري پيچي وجهڻ + چتائي ڏسڻ + چپن ۾ ڪلڻ + پنهنجي يادگيريءَ جو محبوبا ڪان پڇڻ ۽ هُن جو جواب ۾ ”الائي چوڻ“ + تچ ٻٽڻ کولڻ + سوڪڙين ۾ چلا + ميلي تان يار جون سڳيون آڻڻ ۽ ميلي تان خير سان موٽي اچڻ جون دعائون. اِهي سڀ ڀهاڪا، مثال ۽ وارتائون. ٻهراڙين جي حقيقتن جي نمائندگي ڪن تا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اُڪرين ۾ اَنُ چڙهڻ“ صرف ئي صرف ڀهراڙين ۾ ئي موجود آهي. (اجا تائين) ۽َ ڇوري اڪريءَ ۾ اَنُ پئي چڙهي، تورو پري هُن جو عاشق (مارو) هُن جي سامهون بيٺو آهي. اڪيون اُن ۾ اٽس، هَٿُ ڦري وڃيس ٿو، مُهري پنهنجي جاءِ تي نہ ٿي لڳي، اُڪريءَ جي ڪَني ۾ لڳي ٿي ۽ اُڪري ڀڄي پئي ٿي. اِها تڙُ حقيقت اِهو هوبهو سَچ، ماروءَ ئي پنهنجي شاعريءَ ۾ لکيو آهي، ماروءَ واري ٿهيءَ جو ٻيو ڪو شاعر اُن تائين نہ پهچي سگهيو آهي. ڀهراڙين جا واقعا، مڪالما ۽ لهجا پيا بہ ڪيئي ماروءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ سمايا آهن:

”هي کهڙو توسان رشتو آ،
تون روئين ٿي مان روئان ٿو.
پيا پاٽيءَ سان مان ڇمين سان ـ
تنهنجا ڳلڙا ڌوئان ٿو.“ (نظم مان)

ڪنهن مرڪي مون کان رات پڇيو:
”ڏَس مارو ڪيئن تون شاعر ٿئين؟
ڪَنهن جي مرڪن موهيو ٿئي؛
يا سونهن جي پويان پلجي وئين!“

انهيءَ شاعريءَ جو ڊڪشن (Diction) منفرد بہ آهي، موهہ پريو بہ. ان ۾ موسيقي بہ آهي، ردم بہ، رواني بہ، اُها ڪوڙي نہ سچي شاعري آهي، ۽ سادن، سُودن، سٺاون، سمجهہ ۾ ايندڙ لفظن ۾ ڪيل شاعري پڙهندڙ/ ٻڌندڙ ماڻهن تي، پنهنجي پسنديدگيءَ جو تڪڙو ۽ مناسب اثر ڪندي آهي.

مون محسوس ڪيو آهي تہ ماروءَ جي غزل تي محسن ڪڪڙائيءَ جو رنگ (گهڻي ڀاڱي) چڙهيل آهي ۽ هُو نظم ۾ شيخ اياز کان متاثر آهي. هر شاعر/ ليکڪ وانگيان، ماروءَ جا بہ ڪي خواب آهن، آشائون آهن ۽ انهن اميدن جي پوري ٿيڻ جو يقين بہ. خواب ڏسڻ ۽ دل ۾ خواهش پالڻ تي ڪوبہ پابندي نٿو وجهي سگهي.

”سار سپنا بہ ڏڙَ سُجي وانگر
جنهن جو ڪوئي ڏنار ڪونهي ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نينھن مارو چٽي نہ ويندو آ،
ھي سرنھن جو ڦلار ڪونھي ڪو.“

”سڄ ايري پوءِ ويجھان،
راتَ ڪيڏي شبنمي آ.
ڪاوڙي مارو ڪٽي آ،
ھوءَ تہ پرچڻ لئہ رُني آ.“

”سات تنھنجي مان ٽُٽل
مان عمارت جڻ ڪُٽل
آخري سِرَ چڏ ھٽي
مان رلڻ کي تو چڏيان.“ (گيت)

”چاھ تي پيو چلولو
ڪر اچي اُن جو بلو
ڳالھ تي وئي آ، ڳرَي
دل چوي تي تون بہ آءُ.“ (گيت)

دل تہ مارو! سُرڪندي،
تون رھين شل مرڪندي،
ڪاوڙي ايندي نہ ڪر۔
توھہ تنھنجي تو تڳان.“ (گيت)

سات ڇڄڻ سان شاعريءَ ذريعي اھو محسوس ڪرائڻ تہ ”مان ڪٽل عمارت وانگر لڳو پيو آھيان، تون آخري سِرَ ھٽي (پيھر سات ڏئي) ان اڻ پوري عمارت کي مڪمل ڪري وڃ. پنھنجَي جاءِ تي خود ھڪ لفظن جي دلڪش عمارت ڪڙي ڪرڻ جي برابر آھي. اڄ ڪيترا نوان شاعر لفظن کي بي معنيٰ ڪري تا ڇڏن، جڏھن تہ شاعر لاءِ لازمي آھي تہ ھو لفظن کي ”مڪمل معنيٰ“ بخشي. پرا مارو لفظن جي سفر جو نئون نئون مسافر ھوندي بہ لفظن کي بي معنيٰ نہ تو ڪرe، ھُو لفظن جي استعمال ۾ ادائگيءَ جي پوري پوري صلاحيت رکي تو. مٿي ماروءَ ”سات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽُتل"، "عمارت"، "ڪتل" ۽ "سَرَ" لفظن کي انهن جي ضرورت مطابق درست معنائون بخشيون آهن.

بيوفايون رڳو پيار- محبت ۾ نہ، يارن- دوستن سَڱن ۽ رشتيدارين وٽان بہ ٿينديون آهن. هيءَ دنيا ئي بي وفا آهي نہ! حياتي بيوفا، جوين بيوفا ۽ هي مندون ۽ موسمون بہ بي وفا، بي وفا، بي وفا!! ماروءَ کي ننڍي عمر ۾ ئي اهڙا مشاهدا ٿي چڪا آهن/ ٿين پيا.

"ڳوٺ تنهنجو اهوئي ساڳيو آ،
تون نہ آهين قرار ڪيئن رهندا،
ان ڪري ئي ٽٽي ويا مارو
هٿا مفادن جا پيار ڪيئن رهندا."

"تو ڏنا جي لڙڪ، سانيڍي ساهہ سان ماروءَ رکيا،
مون ڏنا جيڪي "ڇلا" سي گهر گهلا ٿيندا رهيا."

هن شعر ۾ يارهن الف، چار سين (س) ٻن گهيڻن (گهہ) ۽ "ڇلا – گهرگهلا" جي آوازي (صوتي) لهرن ۽ اندروني قافين هارمونيم جي سُرن جهڙي موسيقي ۽ رس پيري ڇڏي آهي ۽ ماروءَ وٽ اهڙا ٻيا بہ ڪيئي شعر آهن جن مان هن جي شاعراڻي ڏانءُ جو پتو پوي ٿو. بيوفاين جو ذڪر اڃا ڪٿو ناهي ۽ بيوفايون شاعر (ماٺهوءَ) جي رڳ رڳ ۾ جيڪو مايوسين، بي چينين ۽ خود فراموشيءَ (پاڻُ وسري وڃڻ) جو زهر پرن ٿيون، ماروءَ جي واتان اهو بہ چورائڻو آهي:

"ڪالهہ هن جي "ٻُڪِي" پئي آهي،
ساهہ جي سَڌ سُڪِي پئي آهي.
نيٺ "ونواهہ" ۾ وڃي ويٺي،
ڪيئن ملندي رُڪِي پئي آهي."

"ونواهہ" جي رسم تہ ڪٿي ڳوٺن سان گڏشهرن ۾ بہ آهي، پر ٻُڪيءَ جي رسم رڳو ڳوٺن ۾ ئي آهي. شهرن ۾ اهڙي قسم جي ڪا رسم هجي بہ تہ ان جو ڪو بيو نالو هوندو.

”مون تہ پنهنجي خوديءَ کي بہ ٽڪرا ڪيو
هو نہ پنهنجي تڪبّر کي ٽوڙي سگهيا.“

”چا، هي پنهنجا سور نہ ساڃيا،
جيڪي هڪ ٻئي ساڻ ونڊيون.
چا، موهہ اسان جو مٽي آ،
جنهن کي لاهي جانَ چنڊيون.“ (نظم مان)

مڇ تہ مارو يار ها، سي
جي ويا ٿي لٽ هنيون.
هن شهر جون يادگيريون.“ (وائي)

”تون ۽ تنهنجا رستن تي،
پيرا آڙڻ وسري ويا.“

پاڻُ وسار (خود فراموشي) ايتري آ جو ماروءَ کان ”هوءَ“ ۽ رستن تي ”هُن جا“ پيرا آڙڻ بہ وسري ويا آهن. ”پيرا آڙڻ“ خالص ٻهراڙين جو اصطلاح آهي. ”آڙڻ“ معنيٰ اڙون ڏيڻ- تاڙڻ- ڳولڻ. ڳوٺن ۾ راتين جو چوريون ٿينديون آهن. پيري (پير کڻڻ وارا) آٽبا آهن. اهي اَڙون ڏئي، چورن جا پير کڻي، چورن جيَ ماڳ تائين پهچندا آهن ۽ چوريون موٽايون وينديون آهن. پر اهو سڀڪجهہ تہ تڏهن ممڪن آهي، جڏهن پاڳيو سرت ۾ بہ هجي نہ! گهٽي پاڳي شاعر ماڻهو عام ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ وڏيڪ خوددار ۽ حساس هوندا آهن. هُو محبوبن جي بي وفاين تي تڙپندا تہ آهن، پر انهيءَ تڙپ مان بہ بي نيازي جهلڪندي نظر ايندي آهي:

”چلولا تي پيا هياسين پر،
ٻاجهہ لئہ ٻار تي نہ ايندا سين،
تنهنجي محفل مان روز او جانان!
موٽندي خوار تي نہ ايندا سين.“

”جنهن ڪچيون ڪُرڙيون تي ڪاڏيون، سو نہ مارو ساڳيو
ڊووَ جو آهي زمانو ميٺ ڪٿ مَلجي نہ تو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پهرين مرڪ تہ ماڪيءَ جهڙي،
پوئين چڙٻ تہ جيءَ کي جهوري.
هيڪر، پيهر، تيهر سهندو،
پر ڪو ڪيسين ڏک سان ڏوري“ (نظم مان)

ماروءَ جي شاعريءَ ۾ صحيح موقعي ۽ صحيح مهل تي محارون جو تُز استعمال بہ نظر اچي ٿو. مٿين شاعريءَ ۾ ”محفل مان ”خوار ٿي موٽڻ“، ”ڪچيون ڪرڙيون ڪاٽڻ“ ۽ ”رئڻ سان دل جو بار هلڪو ٿيڻ“ جهڙا محاورا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ”فٽ“ ٿيل آهن. ماروءَ جي اِها بي نيازي ۽ خود اعتمادي اِن ڪري آهي جو هُن کي يقين آهي تہ، هُن جي ”هُن“ سان هن جو سنگم هڪ ڏينهن ورِي بہ ٿيندو ۽ سُکن جو سج اڀري پوندو.

اسان جا ناليرا (وڏا) اديب پنهنجي جوڙ ۽ جيس جي ليکڪن کان سواءِ پنهنجي جونيئرس (نئين ٿهي – نوان شاعر) تي لکندي ڪجهہ گهٽتائي محسوس ڪندا آهن. اِها هڪ وڏي بي انصافي آهي. مغروريءَ ۾ اچي مصلحتن کان ڪم وٺندي، انهن جي صلاحيتن ۽ خوبين کي پريس ميڊيا تائين نہ پهچائڻ، انهن کي نظر انداز ڪري وجهڻ، انهن کي ذِهن ۾ رکي ڇڏڻ، ظلم آهي. اسان کي پنهنجي نوجوان نسل جي فڪر ۽ فن تي دل کولي ۽ لازمي لکڻ گهرجي، جيئن انهن جي حوصلہ افزائي ٿي سگهي. انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکندي، مون اهڙي ڪنهن بہ نئين ابرندڙ شاعر کي، جيڪو مون وٽ اُميد رکي ايندو آهي، ڪڏهن بہ مايوس نہ ڪيو آهي، ان تي لکندي خوشي ۽ اطمينان حاصل ٿيندو آهي.

ماروءَ جي هن شعري مجموعي ”سنسار وڏو منڊ آ“ جي شاعريءَ تي ڪجهہ صفحا لکندي مون ڪنهن مبالغي کان بلڪل بہ ڪم نہ ورتو آهي. مون هن جي شاعريءَ جي آيارڪ اپٽار اِن ڪري ڪئي آهي، جو اُها واقعي اپٽار جي لائق آهي، ۽ جنهن سان مون انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

آٿم ناٿن شاهي
شاهہ بيگ لين
لياري- ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل اجا سات ڏي!

انسان ڪائنات جون وسعتون ڪڏهن به ماپي نه تو سگهي. چاڪاڻ جو دنيا ۾ ڪيترين ئي نيون، عجيب، اڻ ڏٺل، اڻ ڇُهيل ۽ اڻ محسوس ڪيل دنيائون آهن. ان ڪري ڪائنات کي ماڻهوءَ جي من سان تشبيهه ڏيڻ وڌيڪ موزون آهي، ڇوته انسان جي اندر جي دنيا ۾ به ته ڪيترائي جهان سمايل هوندا آهن. هر جذبو هر احساس پنهنجي الڳ دنيا رکي ٿو. انهن جذبن جي جنم وٺڻ پويان الاهي سارو پس منظر هوندو آهي. پس منظر خود هڪڙي حقيقت هوندو آهي يا ايئن کٽي چئجي ته پيش منظر جي پاڙ يا پيڙهه هوندو آهي. ايئن ئي پس منظر جي پيڙهه تي، عمارت جڙندي آهي، ماڻهوءَ جي تشخص جي. ۽ ماڻهو بنجي پوندو آهي ڪلاڪار، سائنسدان، سياستدان، عاشق، پرين، مرشد، مريد، پيغمبر، پوئلڳ، حاڪم، محڪوم. بس! ڪجهه نه ڪجهه تي پوندو آهي ماڻهو.

ايئن ئي ڪنهن ماڻهوءَ جي شاعر ٿيڻ پويان به ڪيترائي پس منظر هوندا آهن ۽ ڪوڙ سارا محرڪات هوندا آهن. شاعر جي جيون ۾ به ڪو ڊوليو هوندو آهي، جيڪو سندس دل جي ڏَٿَ تي ڊرندو آهي. ڪو عاشق هوندو آهي، جنهن لاءِ سينگار ڪرڻ ۾ مصروف ٿيندو آهي. ڪو ميهار هوندو آهي، جنهن لاءِ گهڙو کٽي آڌيءَ رات ڪُنن سان لڙٽو پوندو اٿس. نه صرف اهو پر سندس جيون ۾ سڪ هوندي آهي ڪنهن ملير جي ۽ ڪا ته چنتامڻي چاهه پوکي ويندي اٿس من ۾ ۽ ماڻهو سورداس ڪوي بڻجي پوندو آهي.

بهرحال ڪنهن شاعر جي شعر جي صحيح معنيٰ ۾ پرک ڪرڻ لاءِ، ان جي زندگي، ماحول، سندس دؤر ۾ رونما ٿيندڙ واقعن ۽ سياسي، سماجي حالتن جو به جائزو وٺڻ لازمي آهي. ڪوبه شاعر بيشمار انساني ڪيفيتن کي، لفظن جي زبان ڏئي پنهنجي شعرن ذريعي اظهاري ٿو. سندس جيون ۾ آيل هزارين لمحن جي خوبصورت ۽ پيانڪ يادن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارتائن جو نچوڙ هوندو اتس شاعريءَ ۾. اجا بہ ايئن ڪٽي چئجي تہ هُن جي سڄي حياتيءَ جي ڪُل ڪمائي سندس شعر ئي هوندا آهن.

ايئن ئي منهنجي شاعر ٿيڻ پويان بہ ڪيترائي پس منظر آهن. هن مجموعي جي شاعري، منهنجي جيون جي تاريخ رکي ٿي پنهنجي جوهر ۾. ان ڪري مان پنهنجي شاعر ٿيڻ جا اُهي پس منظر ۽ محرڪات ونڊڻ ضروري ٿو سمجهان.

منهنجو جنم هڪ اهڙي گهراڻي ۾ ٿيو جنهن وٽ ٻنيءَ جا ٻہ پتر پنهنجا هئا. زمينداري، اوطاق، گهوڙا، هاريو ۽ ٽاش راند سندس سڃاڻپ هئي. منهنجي پيءُ مونکي حد کان وڌيڪ پيار ڏنو. هر انگل مڃيو. رانديڪن کان وٺي ڪار ڊارڻ تائين، منهنجي ڪنهن بہ ڳالهہ کان نہ لنوايو. ٿورڙو ئي هوش سنڀاليم تہ سيئي اختيار مون کي ڏئي ڇڏيائين. سڄي ڳوٺ ۽ خاندان جو دادلو ٻار هئڻ ڪري، هڪڙي هنيلي سڪندر علي ٿيڻ جو جواز فراهم ڪيو. اهوئي ڪارڻ هيو جو انڪار ٻڌڻ ۽ برداشت ڪرڻ، منهنجي وس ۾ ڪٿي هيو. اجا تائين بہ اندر ۾ انڪار ٻڌڻ سبب چڙ ٻري تہ ويندو آهيان پر وقت ۽ حالتن مصلحت ڪرڻ تي هيرائڻ شروع ڪيو اٿم. بابو سائين مذهبي خيال رکندڙ ماڻهو هو جنهن مون کي قرآن شريف جو حافظ بنائڻ ٿي چاهيو ۽ مون ڊول سپاهي يا ڊاڪٽر ٿيڻ پئي چاهيو پر هن سنسار جي ڳجهہ ۾ مون لاءِ لکل هيو هڪ شاعر جيڪو ڳئن جي ڳچين ۾ ٽليُون ۽ ڇَڙا، ڳابن جي ڳچين ۾ ڇيريون، سرنهن جو ڦولار ساوڪ ۾ اڪيلو گهمڻ، سج لهڻ، اپرڻ جو منظر ڏسڻ ۽ صبح جو ماڪ ۾ پيرپُسائڻ الائي ڇو ننڍپڻ کان ئي پسند ڪندو هُيو. جوين پنهنجا ٻَر پکيڙيا تہ ڪتاب، گلاب، ڦولار ريڊيو ۽ ”ڪوئي“ منهنجي جيون جي ضرورت ۽ محبت جو محور ٿي پيا. ڳوٺ جي مسجد کان مدرسن تائين، ڳوٺ جي پرائمري اسڪول کان سنڌ يونيورسٽيءَ تائين نظر عليءَ جي ڪچهرين کان محسن ڪڪڙائيءَ جي ليڪچرن تائين، هڪ ننڍڙي مُلي کان هڪ سياسي تنظيم جو عهديدار ٿيڻ تائين، هڪڙو سڪندر علي جمالي، رلندو سنگتون رکندو ڊنگهرن تي اٽو هاريندو هڪ شاعر ٿي ويو. انهيءَ رولاڪيءَ دوران ڪيترائي يار ۽ پيار مليا، پر اياز چواڻي تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ تون ناهين، هيءَ تون ناهين
ماٺهو ماٺهو واريان تو مان.

چوندي محسوس ٿيندو رهيو تہ "ڪوئي" آهي جنهن کي منهنجي سڪ، رُسڻ جو احساس ۽ انتظار آهي، چوتہ مان اجان ڳولا ئي ڳولا هُيس. اُهو "ڪوئي" ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪيئن ملندو؟ ڪا خبر نہ هئي. رنگيءَ اهڙو رنگ ٻڌايو جو انت بحر جي ڪا خبر ئي نہ رهي ۽ نہ اجا بہ اٿم.

ڪو وقت اهڙو بہ آيو جو موت جو تصور مون لاءِ محبوب جهڙو پُرڪشش ٿي پيو. ڪيترائي پيرا زندگيءَ جو ڏيئو اجهائڻ لاءِ ساهہ ستون ڪاڏيون، چوتہ جيون ڪافي حد تائين بي معنيٰ محسوس ٿيڻ لڳو پر محسن ڪڪڙائيءَ جي روپ ۾، ڪنهن مرد مومن جي نگاهہ پوندي ئي تقدير بدلجي ويئي. تنهائي پسند سڪندر هاٿي ماٺهن جي ميڙن ۾ مارو جمالي جي نالي سان شعر پڙهڻ لڳو. شاعري ڇپجڻ لڳي اخبارن ۽ رسالن ۾. هُن موت بدران زندگيءَ ڏانهن موٽ ڪاڏي. جڏهن سَو دک سهندي اڌ رات جو ٻَبُرن مٿان چاندني پياري لڳس تہ هن خدا، شيطان، ڪائنات، ان جي جوڙجڪ، عدم فنا، جوڻ مٿائڻ، جنت، دوزخ، قيامت، سزا، جزا، جنس ۽ ان جي جوهر، پيار سونهن، وصل ۽ وڇوڙي جهڙن موضوعن تي سوچيندي، چنڊ ۽ تارا تڪيندي ڪيئي راتيون جاڳي گذاريون. هاٿي مارو جماليءَ مرشدن ۽ انهن جي ڏَنَ پَٽَ، مُلن، تعويذن، درگاهن ۽ توٽن ڦيٽن بابت ڳوٺ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ چريو وهابي، منڪر ۽ بين ڪيترن خطابن سان ڪيس پڪاريو ويو. ان بعد مذهب، سيڪس ۽ رشتن جي پائمالي تي تيڪاتپٽي ڪرڻ ۽ ڪجهہ لکڻ جي شروعات ڪئي. ڳوٺ وارن لاءِ غير متوقع طور غير پسنديده چوڪرو سمجهڻ ڪري هو ڳوٺ جي ڪچهرين کان پري ٿيندو ڪتابن جي دنيا ۾ گم ٿي ويو ۽ هن لاءِ ڪتاب ئي پناهہ گاهہ ٿي ويا. شاهہ جو رسالو شيخ اياز جي شاعري، محترم ابراهيم جويو جو ترجمو ٿيل ڪتاب "فڪر جي آزادي"، علامہ پرويز جو "سليم ڪي نام خطوط"، مولانا عبدالودود جو "مظاهر فطرت اور قرآن"، پير علي محمد راشديءَ جو "اُهي ڏينهن۔ اُهي شينهن"، ريڊيو بي بي سي، سندس اندر جي زخمن تي ڦها رکڻ شروع ڪيا. ماڪوڙيءَ جهڙو من ڦري ڪيهر شينهن ۾ تبديل ٿي ويو. هينئڙو هڪڙي هنڌ ويهڻ کان نابري وارڻ لڳس. پوءِ بہ مارو جماليءَ لاءِ شهرت، ٻڪ جي حد تائين الائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو ايتري پُرڪشش نہ رهي، جيتري حيرت ۽ سُونهن. هن سوچيو شعر لکڻ ۽ پڙهڻ بس وقت گذارڻ جو ذريعو آهن. پر ڪيس اِها ڪَل ئي نہ رهي، تہ ڪتاب، ادب ۽ شاعري نہ صرف سندس سڃاڻپ، پر زندگي بنجي ويندا.

وقت جي وير چڙهي، خوني رشتن جي تقدس کان ستائجي ڳوٺ کي الوداع ڪري ڏاڏوءَ ۾ اچي رهيس. هڪ دفعو وري اڪيلائيءَ جي احساس من ۾ موت جو موهہ پيدا ڪيو. ڪتابن جي دنيا کي الوداع ڪرڻ چاهيم. پر اعتراف تہ ڪريان تہ مشتاق پرڳڙي، رجب آزاد، تابش بخاريءَ ۽ مولا بخش آزاد جي دوستيءَ، مون کي ڪتابن ڇڏائڻ کان روڪي ورتو.

مان سمجهان تہ سنڌي ماڻهوءَ جي خمير ۾ هڪ صوفي ازل کان موجود آهي. صوفي رڳو گيڙو ويس پائڻ ۽ حق موجود چوڻ سان نہ ٿو بڻجي. سنڌي ماڻهو ڪهڙي بہ مذهب ۽ فرقي سان تعلق رکي، پر پنهنجي عملي سياءَ ۾ صوفي آهي، ڇوتہ وٽس ڪائنات کي فتح ڪري حڪمرانيءَ جو جنون نہ آهي، پر ڪائنات کي سُهڻو ڏسڻ ۽ پرامن رهڻ جو احساس ضرور آهي. مثال طور: عورت سنڌي سماج ۾ اڄ بہ لَڄ ۽ غيرت جي حيثيت رکي ٿي. نياڻيءَ کي ست قرآن سمجهيو وڃي ٿو. اڄ بہ عورت کي ننگ سمجهي مٿس ڳيرو نثار ٿي وڃن ٿا. دوستيءَ ۾ قرباني ۽ مهمان نوازي اڄ بہ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان سنڌين جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. جيتوڻيڪ سنڌي سماج اڄڪلهہ هڪ زبردست پيچ ڊاهہ جو شڪار آهي. پنهنجا سماجي قدر جيئن پوءِ تيئن پُري رهيا آهن ۽ انهيءَ پيچ ڊاهہ واري سنڌي سماج ۾ مون اک کولي آهي. راڳ ۽ رقص هندستاني ۽ انگريزي نقل جي وَر چڙهي ويا آهن. انهيءَ جي باوجود صوفي راڳ مونکي جيترو اڳ پنهنجي مَنڊ ۾ مَنڊي ڇڏيندو هو اوترو اڄ بہ وجد طاري ڪري ٿو ڇڏي. مان بہ مذهبي نندي_ وڏائي کان مٿيرو ٿي سوچيان ٿو. اهڙيءَ ريت عورت کي مرد لاءِ راند ڪيڏڻ جي گڏي سمجهڻ بدران خدا جو عظيم تحفو سمجهان ٿو. اهوئي سبب آهي جو مون عورت جي حُسن، وفا، ساڻس ٿيندڙ ناانصافين ۽ سندس اکڙين ۾ پريِنءَ جي انتظار کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بنايو آهي.

وقت وري ڦيرو ڪاٿي ٿو ۽ سالن کان تصور ۾ سانڍيل اُها "ڪوئي" جنهن جي مونکي خبر نہ هئي، ساڻس حقيقي زندگيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شناسائي ٿئي ٿي. هوءَ منهنجي جيون ۾ بهار بڻجي آئي ۽ مون ۾ وڏيڪ جوش، ولولو ۽ جيون سان جنون جي حد تائين پيار ڪرڻ سيکاريائين.

ايئن ئي گهر کان ڪاڇو ڪڇو لاڙ پار کان ٿيندو ملتان تائين وڃي نڪتو آهيان. پٽن تي پچندڙ پيرُن، ڇارين، ٻڪرين، ٻڪرارن، سنڌو نديءَ جي مستي، سمنڊ جي ويرن ۽ نئين گاج جي تيزيءَ جو مشاهدو ڪيو آهي. لاهوت لامڪان وارن جبلن تي چڙهي بلوچستان تائين ويو آهيان. لڪيءَ جي چشمن تي راتيون گذاريون اٿم. شهري زندگي ۽ ٻهراڙيءَ جي ڏکي زندگي نہ صرف ڏٺي پر گذاري بہ اٿم. ڪجهہ مٿي بيان ڪيل رولاڪيون، ڏک، پيار، سونهن، سڪ، ڪجهہ مليل، ڪجهہ تتل ساٿ، فطرت جا رنگ ۽ وجداني ڪيفيت ئي منهنجي شاعريءَ جا محرڪ ۽ منهنجي شاعر ٿيڻ جا پس منظر آهن.

هن مجموعي ۾ ڪافي شعر فڪري حوالي سان هڪٻئي جو رد بہ هوندا، ڇوتہ پيچ ـ ڊاهہ واري معاشري ۾ پيدا ٿي جوان ٿيو آهيان ۽ مٿي لکيو اٿم تہ ڪائنات جي اندر ڪائنات آهي. هونئن بہ هينئڙو اوٺي وڳ جيان ئي تہ هوندو آهي. ڪجهہ شعر اهڙا بہ توهان کي ملندا جن ۾ وزن ڪٿي ڪٿل تہ ڪٿي وڌيل هوندو. مون صرف ان ڪري انهن کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو آهي، جو منهنجي اَندرَ ايترن ئي لفظن اظهار جو روپ ورتو. پوءِ مان ڊڪاٽڪي ڪري وزن جي پورائيءَ لاءِ هرويرو لفظ ڇو نوڪيان؟ اهڙي شاعر لاءِ محترم قاضي مقصود گل جي هِن شعر منهنجي رهنمائي ڪئي تہ:

بحر وزن تو جوڙي وينو
شاعر ناهي، ڊڪڻ ڪو آهي.

فني لوازمات جو قائل آهيان ۽ انهن جو ڀرپور خيال رکيو اٿم. شاعريءَ جي مختلف صنفن تي لکڻ جو وڏو ڪارڻ اهو آهي تہ جيئن منهنجي اندر جو شاعر يڪسانيت جو شڪار نہ ٿي وڃي. مان ڪنهن هڪ صنف جو بادشاهہ ٿيڻ بدران مختلف صنفن جو ڏنار ٿيڻ کي ترجيح تو ڏيان. بيت ۽ وائي، مون تجنيس حرفيءَ جي سهاري لکيا آهن. ڪجهہ وايون وزن تي لکيل آهن. ڏاري ٻوليءَ جي لفظن کي شاعريءَ مان اصل طلاق ڏيڻ جو حامي ناهيان، پر شرط اهو آهي تہ اهي پنهنجي ٻوليءَ جي لب ۽ لهجي ۾ هجن. ان هوندي بہ نج ٻوليءَ تي وڌيڪ ڌيان ڏنو اٿم.

اهڙيءَ ريت سموري شاعريءَ ۾ توهان کي مختلف وزن ۾ گهاڙيتا ملندا. جيئن ڪنهن جامڙي نقاد کي چوڻ جو اِهو موقعو نہ ملي تہ شاعر کي صرف ڪنهن هڪڙي صنف يا ڪنهن هڪڙي وزن ۾ گهاڙيتي تي ئي عبور حاصل آهي. مون کي پنهنجي شاعريءَ بابت ڪابہ دعويٰ، ڪابہ خوش فهمي ڪانهي، چوتہ اجا مون منجهان ڪک ڄُتي رت پيو نڪري. ان ڪري عقلِ ڪُل سڏائي سڪڻ جي سَڌَ نہ تو ڪري سگهان. جيئن پٺائيءَ چيو تہ "آگر ڪيو اچَن، سجڻ ساوڻ مينهن جيئن." سو جڏهن سجڻ ساوڻ مينهن جيئن آگر ڪري آيا تہ دل جي ڌرتيءَ کي سڪ ۾ سڪون جي ساوڪ سان ڍڪيائون. بس، اهوئي احساس، مون کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

بس اهائي تہ ڪٿا آهي، منهنجي جيون جي ۽ منهنجي شاعريءَ جي. سنجيدگيءَ سان شاعريءَ جو پڙهندڙ انهيءَ ڪٿا مان ئي منهنجي شاعر ٿيڻ جا سبب ۽ شاعريءَ جي پس منظر واري پيڙهہ کي چڱيءَ ريت جاچي، منهنجي شعر جي پرک ڪري سگهي ٿو. هن مجموعي ۾ موضوعاتي، فني، فڪري ۽ گهاڙيتي جي حوالي سان جيڪڏهن ڪا ٿورڙي بہ انفراديت موجود آهي تہ سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ شايد چڱو آهي.

سياسي نعري بازيون ۽ حالتون هميشہ تبديل ٿينديون رهنديون آهن ۽ مون تي انهن جو اثر پوڻ بہ فطري آهي ۽ ڪجهہ اهڙا شعر آهن بہ، پر حسن، عشق، پريت، سڪ، وڇوڙو درد ۽ سچ ازل کان ابد تائين رهڻا آهن. اهي موضوع نہ نوان آهن نہ پراڻا، نہ ڪنهن هڪ فرد يا ملڪ لاءِ آهن ۽ نہ ڪنهن هڪ ٻوليءَ لاءِ مخصوص آهن. بس! انهن کي پنهنجي دائميت آهي، ان ڪري منهنجي من کي انهن موضوعن وڌيڪ Appeal ڪيو آهي ۽ منهنجي شاعريءَ جو گهڻو حصو بہ انهن ئي موضوعن تي مشتمل آهي. ڪڏهن ڪنهن ٻاڙهي ٻُل تي باک ڦٽي، ڪڏهن ڪنهن ڪاري چوٽيءَ تي رات لڙي. ڪڏهن ڪُنائون، ڪڏهن ڪوٺيائون. ايئن پنهنجي پَر سڄڻ بہ پئي پاڙي. ڪڏهن ڳوڙهن ۾ ڳُوڙهو وجي اِهو مشاهدو ماٺيو تہ مرڪ ڪيئن مارينديون آ. ڪڏهن حُسن جي عالمي ڳجهارت هئڻ تي سوچيندي سڙيو آهيان تہ ڪڏهن پنهنجو پاڻ ۾ هَڻُ محسوس ڪندي اياز جون هِي سٽون هينئڙي هُريون اٿم تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ۾ ڪيڏو هَٺُ اياز
هن جا نيڻ نماڻا ها.

۽ پوءِ اهو سوچيندي تڪبر ڪي تڙي ڪڍيو هوندم اندر مان. وري ڪڏهن مئڪش سومري جا ٻول ڪنن ۾ ٻُريا هوندا ته:

ڪير تو چئي ته هيءَ انا ڏُوتي،
آدميءَ جي پنيان لڳل ناهي.

ڪڏهن سوچيم ته سڪندر مُلو ڪامريڊ کان پوءِ مارو جمالي تيڻ تائين، رشتن کان وني روحن تائين، ڪيترائي حق پڳا اٿم، ته مئڪش چيو:
پيار جي ڏوهه آ ته منهنجي دل
ڪنهن به قانون سان ٻڌل ناهي.

۽ ها، رُلڻ، روئڻ، جاڳڻ ۽ پڙهڻ سان عشق اٿم. انهيءَ عشق جو پس منظر رکندڙ شعر ذريعي چوان تو ته سنڌي ادب تي ڪوبه تورو ڪونهي. بس، سنڌي ٻوليءَ جي جهولي ۾ فرض ادائيءَ جا ڪجهه گيت آهن. شال سنڌي ٻولي قبول ڪري.
محترم آثم ناتڻ شاهيءَ جو ذڪر ڪندي ساڻس مخاطب ٿيندي، سندس ئي هي شعر لکان تو ته سائين

منهنجي تنهائيءَ جي ڪاري رات ۾،
اڄ به آ تنهنجي وچن جو سوجهرو.
توسان ڏرتي ئي رڳو روشن نه آ،
تنهنجو چهرو آ ڳگن جو سوجهرو.

مون کي فخر آهي ته مان به شاعريءَ جي رستي تي انهن سائين پنيان مسلسل هلي رهيو آهيان، جن کي سائين محسن ڪڪڙائي وات لاتو. ها، انهن ۾ آثم ناتڻ شاهي، وفا ناتڻ شاهي، وقار ناتڻ شاهي ۽ راز ناتڻ شاهي شامل آهن. خوشي اٿم ته منهنجي پهرئين شعري مجموعي ”پريڻ جون اکيون“ جو مهاڳ سنڌ جي نامور شاعر محترم وفا ناتڻ شاهيءَ لکيو هو جيڪو معشوق ڏاريجي سونهن اشاعت گهر قاضي احمد پاران 2000ع ۾ ڇپايو ۽ هن مجموعي جو مهاڳ سنڌي ٻوليءَ جي سگهاري ۽ خوبصورت شاعر محترم آثم ناتڻ شاهي لکيو آهي. مان نهايت شڪرگذار آهيان سائين آثم جو جنهن جو وجود سنڌي ٻوليءَ لاءِ سوجهرو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي هڪڙي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي تہ جيڪا شاعري مون ساٿي آٿر کي موڪلي هئي، هن مجموعي جو مهاڳ ان جي آڌار تي لکيل آهي. پوءِ انهيءَ ساڳئي شعري مجموعي "سنسار وڏو منڊ آ" ۾ بيت، ترائيل، پنجڪڙا، ڏيڍوٽا ۽ ڪجھ ٻيو مواد شامل ڪيو ويو آهي.

ذلفي هڪڙو يار هزارين ذلفيءَ جا،
هِن جي هُن جي سار چوي ٿي مونکي ڳاءِ.
(ذوالفقار گاڏهي)

سو منهنجو ضمير چوي ٿو تہ پياري مشتاق پرڳڙي، ذوالفقار گاڏهي، گلزار شبير هاليپوٽو علي زاهد، ساٿي محبوب زنگيجو ۽ نثار شاھ جا ڳڻ ڳائڻ نہ وساريان، ڇوتہ انهن ٿي تہ هن ڪتاب جي سهيڙ، سٽاءَ ۽ ڇپائيءَ کان وٺي ڪجھ لکڻ تائين منهنجو ساٿ ڏنو. آءٌ ٿورائتو آهيان زندگيءَ جو شيخ اياز جي هنن سٽن سان:

دل اجا ساٿ ڏي،
دهڪندي رھ اجا.

آخر ۾ پنهنجي پيار جي ڪائنات جي جهول ۾ پياري يار گلزار جون هي سٽون وجهندس تہ:

خوني رشتن جي تقدس جو ستايل ڇورو
تنهنجي معصوم محبت جي ڪري آ زنده.

مارو جمالي

اظهر ميڊيڪل اسٽور
ويجهو او.پي.ايف پبلڪ اسڪول،
لاڙڪاڻو روڊ، دادو
31_08_2006
Mob: 0306_3278421
0333_7065767
025_4710292

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل کي آهن دليل پنهنجا

سٺن شاعرن ۽ سٺي شاعريءَ جو آءٌ نہ ڪڏهن منڪر رهيو آهيان ۽ نہ منڪر رهندس، ان ڪري جو نثر سان گڏ شاعري بہ منهنجي مطالعي جي مستقل اُڃ جو حصو رهي آهي ۽ جڏهن مان نئين ٿهيءَ جي شاعري ڏانهن اکيون پٽي (ٻوٽي نہ) نهاريان ٿو تہ مون کي شاعري ”مُقامِ“ تي نہ بلڪ ”مَقامِ“ تي نظر اچي رهي آهي. اهڙيون فتوائون جاري ڪندڙن جي شاعري جي مجموعن تي منهنجي نظر پئي تي تہ مون کي پلئہ پوي ٿي تمام ٿورڙي ”شاعري“ ۽ گهڻي ”حيرت“. چاڪاڻ جو اياز جيتري شهرت جي تمنا رکندڙ ۽ ان تمنا کي پايئہ تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ اجائي سجائي تنقيد ڪرڻ ۽ ڪرائيندڙن، سنڌيءَ ٻوليءَ جو راڳ آلاپيندڙ شاعرن جي پنهنجي شاعريءَ ۾ بہ ٻين ٻولين جا بي تهاشا لفظ ملن ٿا. ان کان علاوه لڳ ڀڳ ستر سيڪڙو سندن شاعري فعلن فعلن وزن تي ملي ٿي ۽ انهيءَ وزن تي سيڪڙات شاعر ئي شاعري ڪندا آهن. تنهن ڪانسواءِ لفظن جي هيراڦيري، ڪاريگريءَ ڪانسواءِ تازي شاعريءَ ۾ بہ جذبي جيٰ شدت تمام گهٽ ملي ٿي، جيڪا سٺي ۽ وڏي شاعري لاءِ انتهائي ضروري هوندي آهي. پوءِ بہ ڪين ڪامپليڪس اياز سان گڏ ويهڻ جو آهي، جڏهن تہ اياز کان پوءِ نارائڻ شيام، استاد بخاري ۽ ڪجهہ ٻين شاعرن تائين پهچڻ لاءِ شاعريءَ جي گوناگون خوبين سان گڏ وڏي ۽ منفرد خيال جي پهچ لاءِ ڪين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجا بہ تي جنم وٺنا پوندا (پوءِ بہ انهيءَ امڪان جو خدشو رهڻو آهي تہ سندن خواهش پوري ٿئي بہ الاءِ نہ).

ان حوالي سان نئين ٿهيءَ جا شاعر سچ بہ تہ باڪمال شاعر آهن، جو سندن شاعريءَ ۾ جذبي جي شدت، خيال جي انفراديت، وزن جي حوالي سان وراڻتي، تشبيهن، ترڪيبن جو حسن، قافيا، رديف اڇوتا، نج ٻوليءَ جو استعمال ۽ ٻين انيڪ خوبين سان سندن شاعري ڀٽار آهي.

مارو جمالي بہ اهڙن باڪمال شاعرن منجهان هڪ آهي، جن جي شاعري پڙهي سٺي شاعريءَ ۾ ايمان تازو ٿيڻ لڳندو آ.

هتي هڪڙي ڳالهہ آءٌ واضح ڪندو هلان تہ مون وٽ سٺي شاعري ۽ وڏي شاعريءَ لاءِ پنهنجون تشريحون آهن. منهنجي نظر ۾ سٺي شاعري اُها آهي، جيڪا نئين ٿهي ڪري پئي پر وڏي شاعري يا وڏي شعر جي ڳالهہ ٽيندي تہ بزرگ شاعرن کان وٺي نئين ٿهيءَ تائين ان جو مقدار گهٽ ملندو.

منهنجي نظر ۾ وڏو شعر اهو آهي، جيڪو ڪجهہ گهڙيون توهان کي ٻيهارڻ تي مجبور ڪري ڇڏي. شعر جي سحر ۾ لڙهي وڃو توهان، هڪ آه، يا هڪ واه توهان جي چپن تي رقص ڪرڻ لڳي. اياز جي لفظن ۾ روح گرمائي ڇڏي توهان جو. اُداسين جي ڪفائن ۾ گم ڪرڻ جو ساهس هجي ان ۾. دل جي سڪل نوٽ ڏرتيءَ تي وسڪاري جو ڪم ڪري وڃي. ۽ اچانڪ چرڪ ڪيرائي ڇڏي توهان کان، تہ اهي ئي وصفون آهن وڏي شعر جون.

يقين ڪريو مارو جماليءَ جي هن شعري مجموعي "سنسار وڏو مَندِ آ" ۾ اهڙا شعر توهان کي ملندا، اُهي ڪهڙا آهن ۽ ڪيترا آهن، اهو ڏسڻ ۽ جاچڻ توهان جو ڪم آهي.

مشتاق پرٻڙي

دادو

3 آڪٽوبر 2006ع

موبائل:03013493248

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڙي پيار اڙي پيار اڙي پيار زنده باد
رهون يا نه رهون پاڻ رهن يار زنده باد

نه ڪي گهيڙ نه ڪي گهٽ، نه ڪي آر نه ڪي پار
ڪئي بيت، ڪئي ڪيت، ڪئي چيت جا قولار
انهيءَ عشق سندا بحر بي ڪنار زنده باد

پرينءَ قد، پرينءَ بت، پرينءَ لوڏ وٽي تي
پرينءَ ماٺ، پرينءَ لڄ، پرينءَ هوڏ وٽي تي
پرينءَ سينڌ، پرينءَ زلف مشڪ بار زنده باد

ڪڏهن بوڏ ڪڏهن سوڪ، ترون تا ۽ ٻڏون تا
ڪڏهن عرش، ڪڏهن فرش تي جڻ پينگهه لُڏون تا
مگر پوءِ به انهيءَ عشق جا آذار زنده باد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري نينهن پيو ناز
اهو عشق وڏو باز
وساري نہ سگهان پيار۔

وجهان ٻانهن پرينءَ۔ چيلهہ
چڙهان اسڪوٽر تي ٻيلهہ
جڏهن سڪ تئي ساز
ڪري نينهن پيو ناز
وساري نہ سگهان پيار

چريءَ چاهہ چريءَ چڳ
متي يار جي تي پڳ
تئي روح سندو راز
ڪري نينهن پيو ناز
وساري نہ سگهان پيار

وڏو آهي بڪل۔ ياڳ
سنو آهي ڪجل۔ ساٿ
مليو ماروءَ جو مجاز
ڪري نينهن پيو ناز
وساري نہ سگهان پيار۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابو آهي غريب جو پار
مان تہ ڏنار جي ڏيئڙي آهيان.

پاڻ تہ ساجن مالونداهون
پنهنجي مال سان پيار ڪنداهون
جند ڪان وڌ آ تنهن جو جارُ
مان تہ ڏنار جي ڏيئڙي آهيان.

مون هي قرڙا پاليا آهن
ڏينهن ڪَئي گڏ جاليا آهن
تن سان اوريم هر اسرار
مان تہ ڏنار جي ڏيئڙي آهيان.

منهنجي لُونءَ لُونءَ ۾ هن لوڙها
شهر هلان پر آڱرِ سوڙها
مون کي ايندو ڪونہ قرار
مان تہ ڏنار جي ڏيئڙي آهيان.

ڳوٺ ڇڏي تون شهر هليو وئين
مون کان ڏس! تون ڪيئن جهليو وئين؟
منهنجو برهہ لڳئي تو بار
مان تہ ڏنار جي ڏيئڙي آهيان.

تون تہ چوين تو سهڻي آهيان
مان تہ چوان تي ڪجهہ يي ناهيان
مون ۾ آندو نينهن نکار
مان تہ ڏنار جي ڏيئڙي آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ ڙي جاني آءُ
آءُ ڙي جاني آءُ

عشق نہ ڄاڻا چاهي جاني
ها پر تولئہ آهي جاني
انگ انگ منجھہ اُهاءُ
آءُ ڙي جاني آءُ

منهنجي سينڌ سڻي پئي توکي
ءِ هيءَ مُرڪ اڏي پئي توکي
سڪ سموري ساءُ
آءُ ڙي جاني آءُ

تنهنجي دوريءَ ٻڌليءَ ٻوڙيو
تنهنجي نينهن نهار نهوڙيو
گهور بہ گهرو گهاءُ
آءُ ڙي جاني آءُ

تولئہ تيل قليل ڪيا مون
ڪجلا نيڻ غليل ڪيا مون
تانگهہ ڏئي تي تاءُ
آءُ ڙي جاني آءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳس جيئن نئون نينهن
وڏي ڪيئن نہ چريءَ چاهہ

اها ماڪ اها باڪ
سڄي سونهن سندي ساک
مٿان ۽ جي وسي مينهن
وڏي ڪيئن نہ چريءَ چاهہ.

سندس ٻانهن پرينءَ ڪنڌ
مٿان عشق سندو انڌ
ڪٿي رات ٽيو ڏينهن
وڏي ڪيئن نہ چريءَ چاهہ.

مرڻ ڪان نہ ڪري تاهہ
منو ڪونہ ڪري ساهہ
جڏهن شوق ٽيس شينهن
وڏي ڪيئن نہ چريءَ چاهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي هوا اڄ سليون، ٻوٽ جون ڳالهڙيون
ڪونہ دل کان پليون، ٻوٽ جون ڳالهڙيون

ڪي متاڙون، جُهلون، ڏاند ڳاڏيون، چڙا،
ياد ڪر، ڪي تليون، ٻوٽ جون ڳالهڙيون.

هو ڇپر- چانورا، ياد پيا اَنَ- ڪرا،
ڪيئن پريونسين چليون- ٻوٽ جون ڳالهڙيون.

ڪنهن ٻجهارت ڏني، ڪنهن پڇي- اک لڳي
ايئن راتيون ڍليون، ٻوٽ جون ڳالهڙيون.

رات اوطاق تي، باهہ جي مچ تي،
پيروي جيئن پليون، ٻوٽ جون ڳالهڙيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ٻاجھہ چڻي ورتي، ٻڙڏول تہ ٽيٽو هو
جذبن کي، جوانيءَ کي ڪشڪول تہ ٽيٽو هو

ڪجھہ لڙڪ بہ اڻ جھل ها، ڪجھہ مرڪ بہ ٻي ڇٽي ٿي،
او يار! محبت جو ماحول تہ ٽيٽو هو

ڪيئن قرب لڪي پنهنجو ڇو ساھہ سڪي پنهنجو
ها! نيٺ بہ چاهت جو ڇوٻول تہ ٽيٽو هو

ٿي سام پڳس تو وٽ، هڪ رات رهيس تو وٽ،
پوءِ صبح جو بستر کي، پڪ گول تہ ٽيٽو هو

هر روز انا زخمي، تنهنجي ئي هٿان ٿئي ٿي،
هن ڏؤنس ۾ 'ماروءَ' کي، پڪ رول تہ ٽيٽو هو

ꙮ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينگس وِڄَ وراڪو آ
جنهن جو َدل تي ڌاڪو آ

جيون صحرا پيار بنا،
جوين واءَ جو واڪو آ

گيت ڏئي تو جيت نئين،
پريت انهيءَ جو ڌاڪو آ

پردي پٽڪيو ”ناهي ڪو“
مون تہ پڇيو پر ”چاڪو آ“.

ڪيئن تون پيار لڪائيندينءَ
گفت بڪل ئي باڪو آ

سمجهي ڪٽجاڻ پير اڳيان
عشق جي راهہ ۾ جهاڪو آ

ڪيئن نہ چُمي تو ڪنهن جا ڳل-
چنڊ وڏو چالاڪو آ

’مارو‘ ڏي محصول متو
نينهن جي آڏو ناڪو آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لونءَ ويئي لُڏي پر نہ ڀورڙي سگهيا،
ها مگر نينهن ۾ دل نِهوڙي سگهيا.

مون تہ پنهنجي خوديءَ کي بہ ٽڪرا ڪيو،
هُو نہ پنهنجي تڪبر کي توڙي سگهيا.

ڪوڙ آيا ڦِتائڻ پرينءَ ڪان مونکي،
موهہ مَن جي کي هُن ڪان نہ موڙي سگهيا.

ٻاجھہ پنهنجيءَ جا سڀ چنائون رَسا،
جا ڳِٽن جي هئي ڳَنڍ، نہ ڇوڙي سگهيا.

ڪير ماروءَ ولوڙيندي آهي ڏٺو
پر ڪي عاشق ڏٺا، رت ولوڙي سگهيا.

ᘓᘐ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻ تنهنجي لئہ سدائين چلولا تيندا رهيا،
۽ رُسڻ پرچڻ سندا ڪي سلسلا تيندا رهيا.

هونئن تہ ماڻهن ميڙ ۾ هوس ۽ بظاهر ساٿ سان،
پر اندر جذبا اسان جا هيڪلا تيندا رهيا.

مرڪ لبڙن تي سجايم، لڙڪ پنبڙين ۾ لِڪا،
ايئن ڳوڙهن جا طئي ڪجهہ مرحلا تيندا رهيا.

مان سدائين منتظر،تہ بہ مان ئي مجرم تي رهيس،
هُن وٽان اهڙا سدائين فيصلا تيندا رهيا.

تو ڏنا، جي لڙڪ سانڍي ساهہ سان ماروءَ رکيا،
مون ڏنا جيڪي چلا، سي گهرگهلا تيندا رهيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا ڇجڻ جهڙي سزا، ٿي ڪونہ آ
مرڪ جهڙي ٻي جزا، ٿي ڪونہ آ

عمر ڀر جيڪا نہ تون بخشي سگهين
مون ڪئي اهڙي خطا، ٿي ڪونہ آ

ڪائناتي وسعتن کان پريرو
مان چوان تو کو خدا، ٿي ڪونہ آ

مهڪ گلڙن کانسواءِ ڪجهہ ٻي نہ آ
ناچ نچڻيءَ کان جدا، ٿي ڪونہ آ

ايئن نہ چڏ تون وار کولي واءُ ۾
واءُ کي پرواهہ ڪا، ٿي ڪونہ آ

زندگي ڀر تو پنيان ’مارو‘ وتي
تو ڪئي اهڙي وفا، ٿي ڪونہ آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ برهه ڪيئي بدن پيليا
اڪيليءَ وڳر هوندي ڏک پوڳيا

ڪي پنبڙين جي وٿ تان هي لڙڪن جون لاٿون
اجهاميا نہ آهن اکين جا ڏيا

لڙي رات محبوب جي ياڪرين
تصوّر ها جنّت جا ايري پيا

نہ منتن سان بابل مجي ڳالهڙي
وڃان تي، ستارا ئي جاجي تيا

اسان غم کي گلڙن جيان پاليو
وڇوڙي جا ڪئي ورهہ گذري ويا

اڙي واءُ! منهنجا سنيها سيئي
ڪٿي گم ڪيئي؟ تو جي هن لئہ نيا

جا خوشبو آ جسماني ڦهلاءَ جي
انهيءَ جي سهاري تہ جوين، جيا!

نچان نينهن ۾ آءُ نانگڙ جيان،
تون مُرلي وڄائج، رڳو جوڳيا_!

ဢ

سات

تنهنجو ساٿ اهو هو جنهن ۾
دل جا سپ ارمان ڪٿاسين
دنيا سان تولاءِ رٿاسين
گڏجي ساٿوڻ ساڻ وٿاسين

تنهنجو ساٿ اهو هو جنهن ۾
راتين جا رولاڪ ٿياسين
خود لئہ منجهند تاڪ ٿياسين
تو لئہ تڏڙي ماڪ ٿياسين

تنهنجو ساٿ اهو هو جنهن ۾
پاڻ وساري پنهنجي هستي
ويري ڪئي سين ساري وستي
توئي ڦُري هِن مَن ڪان مستي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو ساٿ اهوئي هو بس-
مون کان منهنجو ساٿ پڇين ٿي؟

منهنجو ساٿ اهو هو جنهن ۾
گونجيا ٽهڪ فضا ۾ تنهنجا
وکريا وار هوا ۾ تنهنجا
اوتيا پيار پڇا ۾ تنهنجا

منهنجو ساٿ اهو هو جنهن ۾
تنهنجي رڳ رڳ راڳ کِليو هو
مسَي، تيل، مساڳ کِليو هو
ڀاڪر ۾ کو ڀاڳ کِليو هو

منهنجو ساٿ اهو هو جنهن ۾
خوب وفا جا جهول ڀري وئينءَ
ٻاجهه ڀريا ڪجهه ٻول ڀري وئينءَ
جوين رنگ- رتول ڀري وئينءَ

پوءِ بہ چوين ٿي "پنهنجو ڪهڙو
ساٿ رهيو آ، جوڙ ٿيو آ"؟

ꕥ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا تو وٽ پڄائي جيئڻ

سموري شوق مان شاپنگ
اِهي سيوهڻ جون بازارون
اسان جي پيار جون شاهد
اوهان جون کلندي ڪيڪارون

ڪڏهن هي هٿ هٿن ۾ هئا
جوانين جي جٿن ۾ هئا
ٻنهي جا ٽهڪ گونجي پيا
محبت جي تي پونجي پيا

اها فوٽو گرافي ڪجهه
حياتيءَ جي ڏکن جي آ
ڪري ويئي تلافي ڪجهه

اِجهو مان پل اُهي سارا
ٻني تي اڄ اتاريان تو
سموري ساٿ جون سارون
هوا سان گڏ اڏاريان تو

هوا تو وٽ پڄائي جيئڻ
اڪيلي تي متان روئين
اُها توکي ڪلائي جيئڻ

۽ هي دلڙي سمجهي ٿي

هوءَ ملي هئي وڇڙڻ جي لئہ
وڇڙي۔ پوءِ نہ ملڻ جي خاطر
گم ٿي جڻ تہ غفائن ۾ وئي
مون کان منهنجو پيار وٺي هوءُ
الهي ڏور ڏسائن ۾ وئي

پيھر ڪونہ ٻڌي سگهيس مان
ڇن ڇن ان جي چوڙين جي
لُونءُ ۾ رهجي لوڙ وئي آ
هُوءَ تہ هرٽيءَ ٻوڙ وئي آ

ٿي هاٽي ڪائي تانگهہ تٽي
ڪنهن چيلهہ ٿي پونڌڙ چوٽي جي
پرت پريائين جنهن ڳوٺي سان
ٿي تند لڇي تنهن ڳوٺي جي

پيار هيو يا پاٽيءَ ڦوٽو؟
ڇا جيون پاٽيءَ ڦوٽي جو
۽ هيءَ دلڙي سمجهي ٿي
ڪو مُلهہ نہ سڪي ڪوٽي جو
هوءَ ملي هئي وڇڙڻ جي لئہ
وڇڙي۔ پوءِ نہ ملڻ جي خاطر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري منهنجي ۾ تون

ها! ميجان تو روح سان مان،
تون تہ ڪا هرٽي نہ آهين
تانگهہ منهنجيءَ جي ترائيءَ
تي ڪڏهن ورٽي نہ آهين
موت ڪان مرٽي نہ آهين

چو تہ مان جاڻان پيو:
تون سدائينِ رهٽي آهين
ڪنهن تصوّر ۾ اسان ڏي
تون سدائين ڪهٽي آهين

آءُ فاني آهيان،
تنهنجو جاني آهيان،
روح فاني ڪونہ آهي
ان لئي او موملي!
موت ڪاني ڪونہ آهي

ڇا خبر ڪنهن ويل تون
ڪهڙي ويندينءَ ريل تون؟
شاعري منهنجيءَ ۾ تون
ڊائري منهنجيءَ ۾ تون
پر امر تي رهٽي آهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويلنٽائن ڊي

اج آءُ پٽي تون آرائين
ڪي تازا قول گلابن جا
مان درد سمورا دفنايان
هوءَ ٽوڙيي ڪوٽ حجابن جا

اج ويلنٽائن ڊي آهي
هي ڏينهن محبت وارن جو
تو پيار اندر ۾ پَر ساهي
ڪو حق لڳي تو پيارن جو

اج رنج رساما دور ڪجن
اج تهڪ سيئي چڙواڳ هجن
۽ اج نہ دليون مجبور ڪجن
ڪي اج تہ رڳن ۾ راڳ هجن

هرڪو هڪبئي کي گل آڇي
خوشيون اربي پيار جي پاڇي

اج آءُ پٽي تون آرائين
ڪي تازا قول گلابن جا
اج ويلنٽائن ڊي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو تہ يادن جو ھڪڙو سھڻو باب ھجي
اڄ دلين تي ڪو پيار لکون، تاريخ ٿئي
باب اھڙو- جنھن ۾ نہ ڪوئي حجاب ھجي
رت ٿئي مس جنھن جي ۽ ھي نينھن نصاب ھجي
۽ وڇوڙو جنھن موجب جڻ تہ ڪو عذاب ھجي
پرت جو سارو پريوار لکون، تاريخ ٿئي
عاشقن لئہ سو ئي نسخو ناياب ھجي
ڪوتہ يادن جو ھڪڙو سھڻو باب ھجي

◇

عاشقن جا پاڻ سجاٽيندي تيا وار اڇا
سُونھن ڪي پر پاڻ وڻائيندي بہ تي، منت لڳا
عشق ڪي ڪارو نہ چئو پرت سندا پار اڇا
جي عدالت وقت ھنئين تيندا گنھگار اڇا
ورھہ وانڊو ڪونہ رھي، قرب جا ڪم ڪار اڇا
سڪ ڪي پر سر بہ ڪٽائيندي بہ تي منت لڳا
مُور ڏنڏلا تي نہ سگھن اک جا اظھار اڇا
عاشقن جا پاڻ سجاٽيندي تيا وار اڇا-

◇

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنواري جسم جي خوشبو پرهه جي هير هرڪائي
خماريل نيڻ- نينگرڙيءَ شرابن کي تا شرمائن
اهائي سڪ سهڻيءَ جي، هئي جنهن سير هرڪائي
اڙي او چنڊ! ڇا لئه تو سمنڊ جي وير هرڪائي
سموري جوت جوڀن جي، اکين جي تير هرڪائي
لڄاري مرڪ سان چپ تا، پيا ڪا ٻاجهه ٻولائن
هئي آزاد جندڙي، زلف جي زنجير هرڪائي
ڪنواري جسم جي خوشبو پرهه جي هير هرڪائي

◇

حسين ٻانهون جڻ ڪي گلاب جون تاريون
حسين مُرڪون موتئي سندا سندر گل هن
ڪئي دليون درد ونديون شباب جون ماريون
ٻڌاءِ! تو چالئه پيار ۾ وڏيون گهاريون؟
ڪي ياڪرن ۾ گذريون، مون ساعتون ساريون
پرين! اوهان جي ئي ياد جا اندر هل هن
اوهان بنا گذريون، ڪوڙ راتڙيون ڪاريون
حسين ٻانهون جڻ ڪي گلاب جون تاريون

◇

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻِچيءَ تي قرب ڪري، ٻانهون ٻئي هار ڪرين
مان سرنهن- ڦولار سان گڏ، خوب نچان گيت چوان
آجيان ڪر ڪلندي، ۽ هن دل جو هلڪو بار ڪرين
۽ جهڪائي نيڻ ٻئي پيار جو اقرار ڪرين
سر وڃائڻ- سڪ آهي، جي، هي پڪو پار ڪرين
هَار تيندي پوءِ جي منهنجي، تہ ٻہ مان پنهنجي جيت چوان
جي تون چميون ڏيندي ڪٽي، نينهن کي نروار ڪرين
جي ٻِچيءَ تي قرب ڪري، ٻانهون ٻئي هار ڪرين

◇

تنهنجي ڳولا ۾ ڪوئي ڪئي سال رليو آ
تون تہ ڪا خوشبو تي هوا ساڻ وئي آن
پر ڇڏي ڪو پنهنجون مڏيون مال رليو آ
گهر، گهٽيون، کيت، ڪرا، جر، جال رليو آ
قرب ۾ جنهن لاءِ وڏئي ڪال رليو آ
ڇا خبر آ ڪنهن جي ڪُٽي ۾ تون پئي آن
هُو تہ تنهنجي لاءِ بهرحال رليو آ
تنهنجي ڳولا ۾ ڪوئي ڪئي سال رليو آ

◇

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايترو چو پلا پاڪرين تي پرين؟
جيءَ اندر پيار کي ڪيئن پاليو اٿئي؟
جيئن مان چاهيان تيئن تي تون ڪرين
پيار جي آڳ ۾ ڪيئن نہ پئي تي ٻرين
موڪلائي وري واٽ تان تي ورين
اڳ بہ مون کان سواءِ ڇا، نہ جاليو اٿئي؟
آءُ ساڳيو تہ هان جنهن مٿان تي مرين
ايترو چو پلا پاڪرين تي پرين؟

◇

مٿان لهي چنڊ توکي وجهي اڦٽ ماري
چڪورا! چانڊوڪيءَ سان نہ چاهہ ايڏو رک
اهو ڪلئي بينو جنهن يار جي لڳين لاري
وٽيس ٻوڙئي يا تار مان چڏئي تاري
ڦلار جي موسم، ماڪ کي پئي ساري
رکين تہ چنڊ سان تون پوءِ ناهہ ايڏو رک
اڏار تنهنجي ڏسندي ئي لهي تو اوتاري
مٿان لهي چنڊ توکي وجهي اڦٽ ماري

◇

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاهياري مان لاهياري
ساجن مان هڪ لاهياري

لاباري لئہ بابي آندو
سوچيوسين تئي اَنُ هيڪاندو
لاهياري تو مرڪي ماري
ساجن مان هڪ لاهياري

چولي مان تي جوين ڦاٽو
تنهنجي قرب جهڪايم ڳاٽو
ٻکَ وجهي تو ٻڌندڙ تاري
ساجن مان هڪ لاهياري

بابو آيو اَنِڙو ميڙي
تون وئين منهنجو منڙو ميڙي
توبن ڪانهي جندڙي پياري
ساجن مان هڪ لاهياري

تنهنجو ڳوٺ ڳليون تي ساريان
تنهنجا پيار نہ دل تان واريان
چا، تو منهنجي سونهن نہ ساري؟
ساجن مان هڪ لاهياري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪَ ۾ سُوري قبوليئي؟!
۽ وڏي دُوري قبوليئي؟!

ڪيئن ڏڪاريئي ٺهڪڻ کي؟
هانوَ لئه ڳُوري قبوليئي؟!

وقتا مان ڪو ’ڄامر‘ ناهيان
منهنجي لئه ’نُوري‘ قبوليئي؟“

چانوَ جا هيراڪ چالئه!؟
پاڻ مزدُوري قبوليئي؟!

وقتُ ’مارو‘، مَلهه هٽي ويو
”هُن“ جي مجبُوري قبوليئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ رات ستارن جي سهاري تي هلي نيٺ ڊجي
پر ڪيس نہ ڪجهہ سمجهہ ۾ آيو تہ تي عليل وئي

اڄ چنڊ پئي يار ساڻ نينهن جو نڪاح پڙهيس
پوءِ ماڪ تي شاهد ۽ هي خوشبو تي وڪيل وئي

هن ڳوٺ جي پوتار وڏي جرڳو ڪوٺايو هو مگر
ڪا دلربائي ديد ڇاهي؟ پاڻ تي دليل وئي

فرعون جي لشڪر جيان سڀ پيار- ويري پاڻ ٻُڏا،
ڪنهن ناروا سلوڪ جي، هوءَ ترندي ندي- نيل وئي.

اڄ پيار سندو پهريون وچن پنهنجي پرينءَ ساڻ پاڙي
هن عاشقيءَ جي ڪرٽ - قبيلي ۾ تي اصيل وئي

☙❧

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تارا گم تي ويا صاف تي ويو گگن
سيسراتيون پري پيو پرينءَ لئہ بدن

ڪجهہ وفائن بہ ويڙهي ڇڏيو آ وجود
بس جفائن جون ڳالهيون بہ ڪهڙيون ڪجن

عڪس اکڙين جي آڏو ڦرن تا پيا
يادگيريون بہ ڇڻ ڪي تليون ٿيون وڃن

هي سهائڻ نہ سوليون ايئن الفتون
هي نہ ڏاڍا ڪچا، جيڪي سٽ ۾ ڇڃن

ها بظاهر تہ مارو رنا تا وتون
دل چوي تي تہ اڄ رات پرچي پون

ಐಂಡ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڊ نيڻن منجهان هئي، رُني رات پر
آس منهنجي پئي هئي ڪُني رات پر

دوريون، دشمنيون، دل ڪان وسري ويون،
سڪ تنهنجي لڳي تي سُني رات پر

ڪو مزي سان سُتو ڪنهن جي ڳلڙن مٿان
بوند ڳوڙهن سندي تي اُني رات پر

رات جي سانت ۾ ڪو نه راڻو پُڳو
جنهن لئه هئي، منتظر هڪ مُني رات پر

دل چيو پئي ته ’مارو‘ پرينءَ سان ملون
مون سڏي ڪونه ڪئي آ پُني رات پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو دل تہ تنهنجي ڇُمان ڇڳَ ٻيهر
پڳو درد دل جا پڇي دڳَ ٻيهر

ورهہ جو ڪو ورلاپ ايريو اندر مان،
ڏنا ڪوڙ مهٽا جليئي جڳَ ٻيهر

سُڄي۔ ساهہ: توکي سنپاريو تہ ٽياسين
اسان چور۔ ڳوڙها ٻٽيا سَڳَ ٻيهر

اُيا سنگ۔ سيني، سيئي انگ ساريم
ڇوان ڇا: اجائي هٽي جَهڳَ ٻيهر

ٽيان رڻ جو راهي، اُتي روجهڙين جا
ڏسان شال 'مارو' وري وڳَ ٻيهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو اوچي ڳاٽ سان آيو هو-

جو: ڪانيو ڪالهہ لڏي ويو آ
سوا رئندي سنڌ ڇڏي ويو آ

ڪلهہ جنهن جي هڪڙي نعري ڪان
تي آمر جا ايوان لُڏيا
جو قيد ڪڙن ڪان ڪين ڊنو
جنهن ننڊ ضمير تي جاڳايا

هُو ڪرسيءَ ڪارڻ ڪين وڪيو
هُن آزاديءَ جي ڳالهہ ڪئي

هن ويڙهي جي وينجهار مٿان
ڪجهہ ڪيس لڳا غداريءَ جا-

هُو ڪيس هلائي ڪونہ سگهيا
جو گيدي هئا گهبرائي ويا

هُو اوچي ڳاٽ سان آيو هو
۽ اوچي ڳاٽ هليو ويو آ

هن ڌرتيءَ جو هُو وارث هو
جَو ڏاڍ جا ڏونگر توڙيندي
۽ موت مئي کي ماريندي
آ پنهنجي سگهہ مچائي ويو-

(سائين جي ابر سيد جي وڇوڙي تي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي ديس جا مالڪ ٻڏو

هن ديس جا سورهيہ ٻڏو
ڇا دليري آ اها
جو پنهنجي جنتا کي ڏئي ٻمر، تا رکڻ چاهيو بکيو؟
ڇا امن ايندو آ ايئن؟
ڇا عصمتون بچنديون ايئن؟
هي بمن جا جي ڌماڪا
ماءُ جي تي تڄ نہ سگهندا،
”پرتوي“[1] ”غوري“[2] ، بلا، ڪنهن گيت جي ڇا گونج آ؟
ايوان ۾ ڌمڪيون ڌڪا، اخلاق جو اهڃاڻ هن؟
آواز تئنڪن جا ڪڏهن،
جيجل جي لولي تي سگهيا؟
الزام هي هڪٻئي مٿان، ڪا ٻاجهہ ٻولي تي سگهيا؟
اي ديس جا مالڪ ٻڏو
ڪنهن ديس کي گولين سندي گونجار جي-
ڪائي ضرورت ڪونہ آ،
ها، ها بکئي هن پيٽ کي،
ماني کپي، پاڻي کپي،
۽ ٻينرن کي ياءُ گهرجن،
مائرن کي لاش ڇالئہ، پر کپي پُٽڙو زندھ
مسڪين ماڻهن کي لٽو گهرجي اجهو
جي انگ اگهاڙا ٻيي ڍڪن
پنهنجي اجهي هينان رهن،
اي ديس جا مالڪ ٻڏو-

ꙮ

[1] هندستاني ميزائيل جو نالو [2] پاڪستاني ميزائيل جو نالو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راندين جا ارمان

هيءَ جا هيڏي مل تي ڏسجي
سينين جا تي بوَل پيري، پر
ڪنهن جي ٻچڙن جي روزيءَ جو
راز سمايل آ، هن ۾.

هيءَ بہ سچ وڏو آ هڪڙو
هن جي ناهيل ڪپڙي مان تہ
ڪَيئي انگ اگهاڙا ڍڪجن۔

ها پر هڪڙي ٻي بہ حقيقت سامهون آهي،
ان کان ڪوئي ڪيئن نٽائي
هن ئي مل ۾ لوڙيندڙ ڪجهہ
ننَڍڙن ننَڍڙن ٻارن جي تا،
راندين جا ارمان ڪُسن.

ڪوڙ جوانن جي اندر جون
روز ڪسن ٿيون ڪوڙ اُميدون،
ننڍپڻ ۾ هت آيل ٻابو
وقت اچڻ کان اڳ ئي ڪنگهندي
مل ۾ ئي، يا مل کان ٻاهر
تَنها موت مريَ ويندو آ
ننڊ اڌوري، اڻپورو ڪاڏو ۽ هيءَ دَڙ
ڪچي ماني تي هِن جي موت جو ڪارڻ بڻجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جون راتيون

اوهان جڏهن همسفر هيا،
تڏهن حياتي سُکي تي گذري
ڪنڊا جي هوندا هيا گهٽين ۾
اوهان ڏي ايندي سي گل ها لڳندا،
اسان تہ ڳوڙها نہ تي سجاتا
انهيءَ ڪري جو اوهان تي مُرڪيا-!
سدا لبن تي بهار جي رت
سدا اکين ۾ شرير نظرون
فضا ۾ گونجيا تي ٽهڪ تنهنجا،
اوهان جي هٿ جو ڇهاءُ وڻندڙ
سرير کي جنهن سرور بخشيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري نئون روپ زندگيءَ جو
ڏٺوسين اوکو صفا نرالو
اوهان کي پهريل گلابي جوڙو
هٿن تي ڳاڙهي حنا لڳل هئي
مگر اکين مان ڳڙيا تي ڳوڙها.
اهو تصور ڪٿي تو وسري؟
جڏهن نگاهون جهڪائي پنهنجون،
اشارتاً الوداع هُيَو ڪئي،
تڏهن کان جاني،
ڏٺيون نه اکڙين شرير نظرون
بهار جي رت اچي ٿي، پوءِ ڀي
اُها نه. جيڪا اوهان جي مک تي
وٺيو نه آ ڪو ڇهاءُ ڪنهن جو
اسان جون راتيون اماس آهن-

ꕥ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ شاعر تي ويس

زندگيءَ جي رهگذر تي
تون هئينءَ مونکي ملي
۽ اکين جو پاڻ ۾
وهنوار ڪو هو تي ويو.

مونکي هي احساس ٿيو هو
حور آهي ڪا ملي وئي
ان گهڙيءَ مون هو خدا سان
دل ئي دل ۾ ٿي سليو هيءُ
جنتي حورون وٺي مان
اي خدا ڪاڏي ڪندس.

پر وري تنهنجو وڇوڙو
ٿي اچانڪ هو ويو
۽ مان تنهنجيءَ ياد جو
سمنڊ جڙ ترندو رهيس
۽ تري توڪان سواءِ هُن پار تي
جيئڻ مان پڳس
پوءِ مون لئه ڪائناتي
سونهن محبوبا بڻي
موڙ هن تي ٿي وئي
تخليقَ ڪنهن شاعر سندي
تون وئينءَ پرديس تي ۽
آءٌ شاعر ٿي ويس.

نسري ڪانهن پيا
الآ! نہ موتينءَ ماڳ تي.

تو پڇاڻا مون پرين
رئنڌي گيت چيا
الآ! نہ موتينءَ ماڳ تي.

تنهنجي دوريءَ دل مٿان
ڏاڍا ڏاڍ ڪيا
الآ! نہ موتينءَ ماڳ تي.

پيرون پٽن تي پڇي
اڪري نيٺ ويا
الآ! نہ موتينءَ ماڳ تي.

ڏکن ’ماروءَ‘ کي ڏَسي
ڏاڍي اڄ تہ ڏيا
الآ! نہ موتينءَ ماڳ تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح ۾ رهجي ويون
ڪنهن شهر جون يادگيريون

جن رلايو رات ڀر هو
چاهتون سي بي چيون
ڪنهن شهر جون يادگيريون

چاھہ ساماٽو ۔ ڪلياسين،
۽ رنيون گڏجي اکيون،
ڪنهن شهر جون يادگيريون

مرڪ سان تي آجيان
ڪنهن چوٽ تي چوٽون ڪيون
ڪنهن شهر جون يادگيريون

مَيجِ ته مارو يار ها
جي هليا ويا لت هنيون
ڪنهن شهر جون يادگيريون

روح ۾ رهجي ويون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اج آ روح رڙيو
الا! ڇو آءُ نہ ڄاڻان تو اِهو

ناريءَ ساڻ نگاهہ ۾
منهنجو من اڙيو
الا! ڇو آءُ نہ ڄاڻان تو اِهو

مونکي هڪڙي موهڻي،
قربن ساڻ ڪڙيو
الا! ڇو آءُ نہ ڄاڻان تو اِهو

ڪيئن وڃي بس اوچتو
ڪنهن سان جيءُ جڙيو
الا! ڇو آءُ نہ ڄاڻان تو اِهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوئي برهہ بتي
ٻاري آيو ٻاٽ ۾

چاهہ چپن ڪي ويو چمي
سرتيون مان نہ ستي
ڪوئي برهہ بتي
ٻاري آيو ٻاٽ ۾

سوري آندي سوجهري
ويجهو ورهہ وتي
ڪوئي برهہ بتي
ٻاري آيو ٻاٽ ۾

انگ انگ انگڙايون ڪري
هي ڇا؟ هڻ تہ ڇتي
ڪوئي برهہ بتي
ٻاري آيو ٻاٽ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايترو مان ڪونہ ڳايان، چنڊ توکي،
پر وٽي تو.

ڪي سُتل چهرا نہ چمر تون
ڳالهہ مان هيءَ ڪيئن مڃايان، چنڊ توکي
پر وٽي تو.

تون پرينءَ- پرتوو آهين
چا ڏسيان! پيو دل لپايان، چنڊ توکي
پر وٽي تو.

ڪيئن چوان ڪنهن ياد جو تو
جيءَ ۾ ڏيئو جلايان، چنڊ توکي
پر وٽي تو.

سڪ وڏائي تو وڃي
مان سوايو تو ستايان، چنڊ توکي
پر وٽي تو.

سڪ نہ ڪر ساٽون[1]، پرينءَ ڀاڄھ ٻني اٿئي،
اڃان سَهبيون لوڪ جون، تاڻن تي تاٽون
قربت ۾ ڪاٽون، ڪڍٽيون پون ڪڏهين

▲

ڱجَر ڳاهُ ڪندي، حبيباٽي هُڄَ تي،
ڪانيي ساڻ ڪنائيندي، وينگس آس وندي
راز نہ ڪو رکندي، سڀ سلينديي سڄڻين.

▲

ٻگيءَ جوتي بور[2]، پٽڙا! تنهنجو پيءُ ويو
تنهنجي روئڻ نہ روڪيو مون ڪان ماڳهن زور
پَر هيءَ چاهت چور، ڪاٽ هٽي خوشيون ڪٽي!

▲

شل نہ تتي ٽانگو جيڪو جانب جوتيو
سانجهي موتي سپرين! ٻانگ ڏئي ٻانگو
پرين! ڪوڙا ڪين تين، ان نہ مهانگو
روزيءَ جو سانگو، تو لوڙائي لعلڻ کي!

▲

گهوڙا! هل تہ وجهان، هينئڙو تنهنجي هاڏُري
درد پري هيءَ دلڙي، داٽو توکي ڏيان،
چَرُ تہ چٽ قِري وجيئي، چوتي، رَتُ رُئان،
ٻُجهي آءُ ٻران، اڄ تو آندا سُپرين.

[1] ساڙ جو جمع ڇوڪير هر ڪاهجي وجن يا ٻج ڇٽجي وجي ٻر زمين جو ٿورو ٽڪرو رهجي وجي
[2] گهوڙي جو قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشڪيءَ سنڌي واڳ، ڇڪي پهتس چوهه مان،
هينئڙي منجهه هُري پيا، چري تنهنجا چاڳ،
پر ڇا تو وٽ جاڳ، اجان مون لئہ اوتري؟

▲

سُرخا❶! تنهنجو تل، آءُ تہ اکين تي رکان،
مون سان منهنجي پرينءَ ڏي، هئي هئي گڏجي هَلّ
تون پي مون جيئن مَنّ ۾، چاهت ڪٽي ڇَلّ
متان رات رُنلّ، پرچي ائين اٻوجهه سان.

▲

هَلُ تہ پرچايون، سُرخا! پنهنجا سپرين،
رات بہ پنهنجي رُوح کي اُڇلون تي آيون،
گهُور وجهي گهايون، هو تہ ڇڏيون ويا هيڪلي.

▲

سَرَل❷ وڇيرن، جيان منهنجو نينهڙو
ڏکي وجهڻ تن کي، پڇاڙي پيرن،
گهورن جي گهيرن، هينئڙو هنيلو ڪيو.

▲

راتيان ڏينهن رَلو❶، ٻوڙي منهنجو هينئڙو
سڪ جو سوار نہ تڪجي، هيءُ پوريءَ لاءِ پلو
پاڻيارين جو کوهه تي، سانجهيءَ ــ ٿاڻ تلو
ڳوڙها، مُور ڳلو پوءِ نہ ڇڏن پانهنجو.

▲

❶ گهوڙي جو قسم.
❷ اُهي گهوڙا جن تي اجا سواري نہ ڪئي وئي هجي.
❶ گهوڙن جي پنڌ/ ڊڪڻ جو قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاڏي! توـ گوڏا، سدا رهن سرها
تو جيئن هلن تک ۾، مُور نـ ڪي توڏا
اسان لئـ اوڏا، توئي ڪيا سپرين!

▲

ويگن! تنهنجا ويل، شال نـ بيهن بَر ۾
پرينءَ وٽ پڄڻ لئـ، اکڙيون جڻ تـ عليل
دل جا ڪوڙ دليل، پهچي اُن سان اوريان

▲

ويگن! منهنجو وس، مُور نـ هلي توـ مٿان،
تون ٿي ساڙين تيل ڪي، تون ڪئين ڪائين ڪَس
روح چوي ٿو، راڻيءَ وٽ، راتو واهـ ئي رَس،
ڏيندو ڪوبـ نـ ڏس، صبح ٿيندي سڄڻ جو

▲

ولهيءَ مٿان وَڙ گاڏي! تنهنجا گنُج هن،
جتي منهنجا سپرين، سي تو ڏسيا تَڙ
آهن منهنجي جيءَ ۾، نينهن وڄايا نڙ
توتي پايان پڙ، جيئن مٿي مُور نـ تو پوي!

▲

کُهري جيئن ڪا ڏاس(۱)، تيئن ڪا کهري يادڙي،
انئي پهر پرينءَ ڏي، اکڙين جي اوڪاس(۲)،
ڪنهن جو چاهـ چڪاس، ڪندو آهـ اندر جي

▲

---

(۱) ٻڪرين جي وارن کي چٽبوآهي جنهن مان رَسا ٺهندا آهن.
(۲) تانگهه، گولا، انتظار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لپريءَ (١) کي لِيڙا(٢)، نازڪ هٿ سان هُن ڏنا،
لِيڙن جي پيڙا، ٻڪريءَ لئہ تي ٻاجهہ پئي۔

▲

چاهت چؤتالي(٣)، ڊڪي تنهنجيءَ تات ۾،
واڳ وتي مون ورهہ جي، خوشين کان خالي،
پرت جا پالي، سا دَستا هٽي دل تي۔

▲

درد نہ ڪو داٽو، جنهن کي وجهان توبري،
گهوڙا ڪائن ڪين ڙي! محبوبي ماٽو
عشق نہ اياٽو، اجان ايڏو آهہ تيو۔

▲

هَنو[٤] ناهي هانءُ، جنهن تي ڪو ويهي رهي،
پوءِ ٻيي تنهنجو نانءُ، سدا سيني سوار آ۔

▲

نينهن نہ ڪوئي نَٿُ، جنهن کي پاني سان پربون،
ويچا ويلڊ ڪونہ تين، برهہ نڪو بانٺ،
هي جو هينڊڙي ڦٿ، تنهن کي چيٽيون چا ڪنديون۔

▲

ورهہ: تي وانا، پهتا منهنجي پيار لئہ،
ڳڙيا منهنجي ڳلّ تان، لڙڪہ لُوٽانا،
پوءِ ٻہ نہ تيا مانا، اولاٽا ارواح جا۔

▲

---

(١) ٻڪريءَ جو قسم.
(٢) اُها اڳڙي جيڪا ٻڪريءَ جي ٿڻن کي ويڙهبي آهي جيئن ڦرڙا ڌائي نہ وجن.
(٣) گهوڙي جي ڊوڙ جو قسم
(٤) گهوڙي جي پٺيءَ تي رکي، جنهن تي ماڻهو ويهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڙي اسڪوٽرا! تنهنجي سيٽ سوا لَڪِي،
جنهن تي جانب چڙهيا، هلَيا ساڻ — سفر،
ڪنن منجهه ٻُري پئي، تنهنجي ڊُون ڊُون — ڊَر،
اڄان سي اثر رهجي ويا روح ۾.

▲

ٿهڪن سان ٽڙڪات، جي ڪَن منهنجا انگڙا،
پوريءَ پريو ياڪرين چاهه ڪَري چمڪات،
منهنجي لونءَ لونءَ لاٽ، ٻڌجي ٻري ٻات ۾.

▲

چوريءَ ڇُهين جي، ته لڳي باهه بدن کي،
قربئون ڪُهين جي، ته ڪلندي آچيان آرسون.

▲

پوءِ ڪيئن پير ڪپن، جي تون ڇُمين چاهه مان
نينهن نياپا نيَ ڏي، مُنجُوَن سان ڪڪرن،
اندر منجهه اُتَن، ڪيئي سَڏون سڪ جون.

꧁꧂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وشواس رُنو

اج دل وارن جي دوريءَ تي
ڪنهن شاعر جو احساس رنو
جنهن ويل رسي هن منهن ڦيريو
هڪ عاشق جو وشواس رنو

هُن جون نظرون جڻ تہ ڏيبي[1] هون
جنهن ۾ جوين ڳيرَا ڦاٿا
هُن جي چپ چپ ۾ چنچلتا
جنهن ۾ گهُور جا گهيرا ڦاٿا

ڦرين مرڪ تہ ماڪيءَ جهڙي
پوئين چڙٻ تہ جيءَ کي جهوري
هيڪر ٻيهر تيهر سهندو
پر ڪو ڪيسين ڏک سان ڏوري؟

ڪوئي شاعر شعر تو سرجي
هُن جي دل ۾ درد ڦٽي پيا
ڪوئي عاشق ڪيئن ڪري جو
اڪ جا ڏنڌلا عڪس ڪتي پيا.

---

1 اهو جار جنهن سان پکي ڦاسايا ويندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون جدا ٿيندي نہ ڪر
توهہ تنهنجي تو تڳان

تي هِتي مس مس اچين
روح تي چنڊا وجهين
پر وري ويندي نہ ڪر
توهہ تنهنجي تو تڳان

تو سان منهنجو چاهہ آ
عشق جڻ آڙاهہ آ
ڏک گهٽا ڏيندي نہ ڪر
توهہ تنهنجي تو تڳان

دل تہ مارو سرڪندي
تون رهين شل مرڪندي
ڪاوڙي ايندي نہ ڪر
توهہ تنهنجي تو تڳان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد ڪائي، سرور ٻڻجي وئي
چڻ وهيءَ جو ئي پُور ٻڻجي وئي

چڙٻ هُن جي، وٽي سين ڪي تي
مرڪ منهنجي قصور ٻڻجي وئي

گهر جي عورت ڪان سؤ دفعا بيزار
ٻاهرين نارِ نُور ٻڻجي وئي

سونهن جي احترام ۾ نِوڙيُس،
هُوءَ سراپا غرور ٻڻجي وئي

سامهون جهوپڙي اٿس 'مارو'،
ڪيئن تولاءِ ڏُور ٻڻجي وئي؟!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت سامهون، پوءِ بہ اکڙيون يار ۾،
تي ڪلياسين وقت جي هر وار ۾

زندگي جڻ ڪنهن نديءَ جو وهڪرو
اڄ تہ گڏ لڙهندا هلون منجهڌار ۾

گل ڪڏهن چا واءُ کان، روڪي ڇُمي؟
تون تي لوڏين ڪنڌ ڇو انڪار ۾

منهنجا ڳَن تا ٿهڪ سارن، جي ڏنئي،
گڏجي 'سيوهڻ' جي 'پري – بازار' ۾

ڇن ڇنا_ ڇن، ڇوڙين جي ڪئين ٻُڌان!
تون هلي وئين، جڻ تہ ڪنهن پولار ۾

توکان وسري ڪيئن 'ماروءَ'_ ڪَهر_ گهٽي،
يا اڇڻ شايد نہ تي اختيار ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌ جهڪائڻ ۽ شرمائڻ
مرڪڻ ماٺهن ڪان لهرائڻ
عشق قبوليا تنهنجا اچڻ
پاڻ پلي پوءِ ڪيئن سگهان؟

ٻاجهه منجهان جي تون تي ٻولين
منهنجي اڳيان جي تون تي ڪولين
چولي جا هِي تِچ بٽڻ
پاڻ پلي پوءِ ڪيئن سگهان؟

پير چَون هل پنڌ ڪري اڄ
روح چوي نہ تي منهنجي سري اڄ
هي نيڻ چَون ڏسون پنهنجا سڄڻ
پاڻ پلي پوءِ ڪيئن سگهان؟

تون تہ پڇين تي چو تو لڪان مان
رات سڄي نہ تو ننڊ ڪيان مان
بس ياد پون تا تنهنجا رُسڻ
پاڻ پلي پوءِ ڪيئن سگهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيٽ آيو آ وري
دل چوي تي تون بہ آءُ

چاهُہ تي پيو چلولو
ڪر اچي ان جو بلو
ڳالهہ تي پئي آ ڳري
دل چوي تي تون بہ آءُ

آهي جوڀن جوش ۾
مان بہ ناهيان هوش ۾
ءِ وري اڄ اڪ ڦري
دل چوي تي تون بہ آءُ

هٿ ٻُڌي ڪي لاتيون
هَي اڪيليون راتيون
ڪيئن ڪٽيان تو بن چري
دل چوي تي تون بہ آءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چِتائي ڏسڻ ڪا تہ معنيٰ رکي تو
چپن ۾ ڪلڻ ڪا تہ معنيٰ ۾ رکي تو

اکيان جي اچين تي تہ خاموش ڏاڍو
بين ڪان پڇڻ ڪا تہ معنيٰ رکي تو

جڏهن سونهن جي ڳالھ نڪري تي ڪلندي
نتائي وجڻ ڪا تہ معنيٰ رکي تو

"ڪڏهن ياد آياسين" هُن ڪان پڇو مون
"الائي" چوڻ ڪا تہ معنيٰ رکي تو

چئي وات سانُ جي نہ مارو سگهي ڪو
پوءِ روئي ڏيڻ ڪا تہ معنيٰ رکي تو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي گهر کان جو گذرڻ ۽ ته ڳوڙها پليئي
منهنجون يادون، ڪي دل ۾ ڪِهڙَڻ کان جهليئي؟!

اج ته رستي به تنها ڏسي توڪيئي،
تهڪ منهنجا تي ڪلهه سات ڏيندا هليئي.

مون ڪتابن کي همراز ناهي وتو،
تون ڏسين راز جن کي، ڇا اهڙا مليئي؟!

ها مڃان تو پڪي آن، مگر مون سوا،
ساهه تڏڙا پري، سور ڪنهن سان سليئي؟!

هيءُ 'مارو' نه تو وٽ وري مونٽو،
ڪئن تي پويان سڏين، تل ڪهڙي تليئي؟!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وعدا پاڙڻ وسري ويا
سينا ساڙڻ وسري ويا

تنهنجا درد ڪسي وئي دنيا
ڳوڙها ڳاڙڻ وسري ويا

هاڻ رُسڻ جو وقت ڪٿي،
۽ خط ڦاڙڻ وسري ويا

تون، ۽ تنهنجا رستن تي
پيرا آڙڻ وسري ويا

ڪنهن ڪنهن جاءِ ملي سگهبو؟
تاڪ ٻه تاڙڻ وسري ويا

جوين جا هي اڻ جهل جذبا
واڙِ ۾ واڙڻ وسري ويا.

مارُو هُن ڪان موهه سندا،
قرضَ اڳاڙڻ وسري ويا

ꕥ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍيل ٻٽجي آ ٽِلي،
هوءَ جوين موڙ تي.

عشق جي هن راهه ۾
۽ چريئي هن چاهه ۾
تي پئي آ چلولِي
هوءَ جوين موڙ تَي.

اڄ مُئو تي پيو هُيس
مان تہ وڪري ويو هُيس
پر وئي مونکي ملي
هوءَ جوين موڙ تَي.

آنءُ لُونءَ لُونءَ ۾ لُڏي
۽ عجب ۾ ويس ٻُڏي
مون مٿان جو آ هلي
هوءَ جوين موڙ تَي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قولار گهمون گڏجي،
اج چيٽ جي ڪيتن ۾ چپ- چار چُمون گڏجي-

بازار وئي هوندينءَ،
گڏ عيد سهيلين سان، تي تيار وئي هوندينءَ-

ڪٽڪاءِ نہ در هُن جو،
هُو ڪالهہ مَري ويو آ، اج خالي آ گهر هُن جو-

پڪ پير پري ايندي
ڪو اڳ ئي مري ويندو هوءَ دير ڪري ايندي.

هيءَ پيار گهڙي ويندي،
ڪجهہ ننڊ اچي ويندس، ڪجهہ رات لڙي ويندي-

جي گهور سندا گهورا،
اوباش نہ سڏجان تون! او سونهن! اِهي چورا.

سو ڪوهہ اجان آهي،
توتي بہ جواني ڏِس! ڦُوهہ اجان آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا چنگ سدا رهندا،
دوري بہ ختم ٿيندي، يا دنگ سدا رهندا؟!

دادو تہ وٽي ويو آ،
ڪنهن يار حسينہ جو جادو تہ وٽي ويو آ.

لڪ چپ نہ سگهون ڪيڏي،
موتي نہ سگهي نِنديڻ، تون چا بہ ڪرين جيڏي!

تون لڙڪ نہ لاڙي ڏي
سمجهي نہ وڃن ڳِيرو ايئن ڳُڙڪ نہ پاڙي ڏي.

ماءُ۔ پيءُ ويس وسري،
نئون نينهن لڳس، چوري، آپي مان وئي نڪري.

ڦولار چٽي ويندو
مُند مارَ ڏئي ويندي، ننڊ يار ڪٽي ويندو.

بازار گهمي ونبي،
ڏي چَپ رسيلا تون، هڪڙي بہ چُمي ونبي.

بس! يارُ منو توکي؟
تي سير پڇيو: ”سهٽي! ميهار منو توکي“

مان ڳوٺ جو رهواسي،
پر شهر اچي توسان، هي نيڻ ويا ڦاسي.

آ چنڊ اِهو ساڳيو
ڪنهن ياد مِنيءَ ڪي تو ان ساڻ ڪڏهن واڳيو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ چنڊ بہ آڳُر ۾،
تہ بہ ننڍ اچي وئي تس، ڏِس! يار جي ياڪر ۾.

اونداهہ وڏو تنهنجو
او عشق! سڙي وياسين، آڙاهہ، وڏو تنهنجو.

آ چيٽ چڙهي آيو
تون ڪونہ پُڳي آهين، ڪو لُڙڪ لڙي آيو.

مهمان تيا ڳوڙها،
مون عشق جيان روڪيا، نادان تيا ڳوڙها!

چا لاءِ ڪيو تا ڪِٽ،
ڪا سونهن ڪندي پاٺي، هن عشق سندي آدِٽ.

او عشق وڏا تورا،
آئين تہ وڏائيءَ کي، پوري مون ڪيو پورا.

جولانَ سلامت آ،
جنهن خوب وکيريو سو طوفان سلامت آ.

هيءَ جنس جي مدهوشي
ماٺهوءَ تي چڏيندي آ، ڪري طاري خاموشي.

هر انگ جي عرياني،
مونکي تي چيو مرڪي ”ڏِس مونکي ڇهي جاني“.

اڄ اڪَ اُني هوندس،
هڪ مان بہ رُنو آهيان، بيو ننڊ بہ رُني هوندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس؛ نِراسائي،
هن ڪان نہ سگهي پرچي، شاعر جي اداسائي۔

هڪ وار فلائنگ ڪِس،
احساس مٿان ڪَئي ٿي، جڻ تہ ڊرائنگ مِس۔

ڪرلاءِ نہ ڪاچي ۾،
ڪا ڪونج مُئي ڪرڪي، ڪنهن پيار جي پاچي ۾۔

هوءَ جڻ تہ ڪا قلواڙي،
آ ياڳ پلو اُن جو جنهن پؤنر اچي تاڙي۔

هُوءَ چِڳ، اُها چوٽي،
اکڙين کي وٺي ويئي، پوءِ ڪونہ نظر موٽي۔

ڪو رنگ رچي پيو آ،
آ ڪير اگهڙ آيو، هر انگ نچي پيو آ۔

هستي نہ سگهي ماپي،
مدهوش ڪئي چمين، مستي نہ سگهي ماپي۔

ارمان جي قيمت ڇا؟
پرپُور چُمي ڏي تون، هِن جان جي قيمت ڇا؟

نيڻن ۾ ڪجل آهي،
هُوءَ تيار ٿي نڪتي آ، وارن ۾ بڪل آهي۔

سينگار مٽائيندينءَ،
تولاءِ هي سولو آ، ڇا يار مٽائيندينءَ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪالهہ ڏنو تو هو
سو پيار اسان جي لئہ، جڻ ڪوٽ هجي لوهو۔

چاهت بہ اجا آهي،
ڪنهن سونهن۔ سندي؛ دل تي، واهت بہ اجا آهي۔

ايذاءُ ڪان تي آجي،
تي پيڻ چيو رئندي، ”ڪاري تہ نہ هئي باجي“.

ڪنهن لاءِ وجهين جهاتيون؟
سُرمي جون سرايون پئي، تو پرت منجهان پاتيون.

ڏرتيءَ متان سر ويو
پڪ جاڻ سَجايو آ، سرتيءَ متان سرُ ويو۔

بي سَتُ پيو آهي،
گولي سان مٿل ماڻهو هي رت پيو آهي۔

هت هانوَ ڪئي ماندا،
افغان وڃي جيجل، ڪجهہ لاش مُلن آندا۔

هي پير جو شُجرو آ،
درگاهہ تي قيٽو آ، اوطاق تي مُجرو آ۔

هي ناز۔ نهارون جهل
هي عشق انڌو آهي، تون اُرهہ۔ اپارون جهل۔

هي پيار وڏو منب آ،
آڪاش تڪايو تو، ڏس ڪيئن پلا چندب آ۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ هير ڪتي آهي؟
جت ڪالهه ٻڌي سهڻي، سا سِير ڪتي آهي؟

تعذير سجائي تي،
وارث ڪي اجوڪي پر، هر هير سجائي تي-

قاهيءَ تي ڪِلائي تو،
هي پيار پهاڙن ۾، سسئي ڪا رُلائي تو-

ڪٿ يار جدا آهي،
اڄڪلهه تہ مان سوچيان تو چا پيار خدا آهي؟!

ڏس پرهہ ڦُٽي آهي،
مدهوش چُمين ۾ تون! اُٿ رات ڪُٽي آهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساگر مون کي ويرون ڏيئي

مون کان منهنجي ماٺ وٺي تون
ساگرا پنهنجون ويرون ڏيندين؟
ساحل سان بس ناهه ڪري چڏ
هيءَ تون منهنجي ڳالهه مڃيندين؟
پنهنجي هيءَ بي چيني ڏيندين؟

ڇو جو منهنجي من ۾ ڪائي
ڪنهن ماٺوءَ جي چڪ چلي تي
۽ ڪجهه تڏڙن ساهن ۾ پئي
ڪنهن سهٽيءَ جي سڪ رلي تي-

منهنجي انهيءَ چڪ ۽ سڪ کي
ڪجهه رسمون، ڪوڙ ڪنارا روڪن
تا پنهنجا يار پيارا روڪن
سڪ ۽ چڪ تيون مونکي توڪن.

ان لئہ توکي منت ڪيان تو
جيڪر تو جيئن آءُ تيان
چا پوءِ بہ ڪنارا روڪيندا؟
ٻوهہ ڪنڌڙ هي ٻوهي ماڻهو
ضد جي پيڙي ڏوڪيندا؟

روز هزارين ماڻهو تنهنجي
وير ڏسڻ لئہ ايندا آهن
تووٽ ايندي ئي سڀ ماڻهو
ڪن ۾ خوش تي ويندا آهن

ساگرا مونکي ويرون ڏيئي
مون کان منهنجي مات وڻي چڏا!

هيءَ ڪهڙي چڪ آهي

هيءَ ڪهڙي چڪ آهي
جا اسان جي ساهه ۾،
پنهنجي خاطر سڪ ٿاهي
چين سارو ٿي لٽي
ٿِي انا کي زخم ڏئي
تہ بہ نہ ٿي هرگز ڪٽي،
گهور ڪنهن جي ٿي گهٽي؟

روح رهڙي ٿي وجهي
درد ٻٽجي ديگ پيو
ٻاجهہ ٿي ٻوٽي رجهي
تہ بہ چوان آيا اجهي؟

ننڊ نهڪر ٿي ڪري
ڪنهن هرڻ جان چال ڏئي
ٿي ٿهي ٻيهي پري.
ڪونہ اکڙين جي سري
پوءِ بہ اهڙي چڪ پالي
ساهہ سانڍي سڪ نرالي
جڻ تہ ڪا موسم جهڙالي
ٿي سدا اک ۾ رهي
آهہ دل، دل جي سوالي
ايئَن ڪنهن جي پيار لئہ
ٻار ٻٽجي ٿا وڃون
هيءَ ڪهڙي چڪ آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺوءَ موھ

ماٺوءَ موھ اھو آھي، جو
جيئڻ لئہ اتساھ ڏئي تو
جهيڙي کان پوءِ ٺاھ ڏئي تو
ڪنهن جي اکڙين ۾ ايري ھي
جيءَ چرئي کي چاھ ڏئي تو.

ماٺوءَ موھ اھو آھي، جو
نيڻن مان ننڊ نيندو آھي
ماٺو وکري ويندو آھي
پنهنجي ھڪڙي ليلا خاطر
قيس مان مجنون ٿيندو آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهوءَ موهه اِهو آهي، جو
جنڊڙي سور بہ سهندي آهي
پوءِ بہ نہ ضد تان لهندي آهي
ميهر لاءِ سنڌوءَ ۾ سهڻي
ڪاريءَ رات ۾ ڪهندي آهي

ماڻهوءَ موهه اِهو آهي، جو
لوءِ منجهان ٻي لڏڻو پوندو
دل سان گوندر گڏڻو پوندو
پنهنجي منڙي هير جي سر لئہ
تخت هزاري ڇڏڻو پوندو۔

ماڻهوءَ موهه جا روپ هزارين
ڪهڙا ڪهڙا آءُ ڳڻايان
ماڻهوءَ۔ موهه وڏي شيءِ آهي
اهڙو ڏوهه وڏي شيءِ آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ تہ...

آءُ سمجهان تو هوا سان
تون رَلي ويندينءَ هلي
منهنجي گهر جو در چڏي ڪنهن،
بي ڳليءَ ويندينءَ هلي!
هائو مون ڏي ڪونہ لڙنديندينءَ
پوءِ بہ منهنجيءَ سڪَ ۾
مونکي پڪ آ تون بہ سڙنديندينءَ
منهنجي گهر جو پيچرو جي
تنهنجي لئہ تي اوپرو پئي،
يا وچوڙو رات آچي
۽ جي روئي سوجهرو پئي-
مان تو ان کان اڳ ئي چاهيان
بن چُمين جو تنهنجي ڳل تي
آءُ تہ هڪ آڪيرو ناهيان،
آءُ تہ هڪ آڪيرو ناهيان-

مان اڄڪلهہ اڪثر سوچيان ٿو

مان اڄڪلهہ اڪثر سوچيان ٿو:
ڇا جوڻ مٿائڻ سَچ آهي؟
ڇا ڪنهن دوزخ جي ڊڙڪي ۾
ڪا سونهن سَهائڻ سُچ آهي؟
يا ڪنهن جنت جي لالچ ۾
هيءُ ساهہ سڪائڻ سُچ آهي؟
مان اڄڪلهہ اڪثر سوچيان ٿو:
ڇا هن فطرت کان ٻاهر۔
ڪوئي خدا بہ لڪل آهي؟
ڇا پاڻ تماشائي هوندو
يا ڇا لئہ موت اٽل آهي؟
شيطان وجود رکي ٿو ڇا
يا ماڻهو پاڻ ڊنل آهي؟
آهي ڪوئي جيڪو ڏئي،
مونکي جواب سوالن جا؟
مان اڄڪلهہ اڪثر سوچيان ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏُور سُجهي، ڏُور سجهي، ڏُور سُجهي تو
هاڻي سهيليون! پرينئڙوا ڏُور سُجهي تو۔

مينهن وسن، مينهن وسن، مينهن وسن تا،
جيئن، ڏينهن لنگهن تا
پنهنجي وهيءَ جو مونکي تيئن پور سجهي تو
هاڻي سهيليون! پرينئڙوا ڏُور سُجهي تو۔

ڪنهن تہ روڪيو ڪنهن تہ روڪيو ڪنهن تہ روڪيو آ
ها ڪنهن تہ ٽوڪيو آ،
جي نہ تہ پهچي ها هتي مجبور سُجهي تو۔
هاڻي سهيليون! پرينئڙوا ڏُور سُجهي تو۔

مان تہ اڏاريان پئي هت ڪانگ اچي مَن
ڪنهن سانگ اچي مَن،
ڦٽ نہ ٿئي نينهن جو ناسُور سُجهي تو
هاڻي سهيليون! پرينئڙوا ڏُور سُجهي تو۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون رُسڻ کي چڏ کٽي
مان رُلڻ کي تو چڏيان

دل نہ کنهن جي لئہ قسي
اک نہ کنهن ہيءَ ڏي ڏِسي
ايترو تون وچ وٽي
مان رُلڻ کي تو چڏيان

ساٿ تنهنجي مان تتل
مان عمارت جڻ ڪتل
آخري سر چڏ هٽي
مان رُلڻ کي تو چڏيان

تنهنجي مرڪن جي ڪري
پيو تو مارو پنڌ ڪري
دل بہ آ تولئہ تٽي
مان رُلڻ کي تو چڏيان

ꕥ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وريا چيٽ، ڪتيا ڪيٽ
مني تون ٻہ هلي آ نہ!
پکي ڪوڙ، ڪري جوڙ
پڳا تن سان رلي آ نہ!

ڪيو تنگ، تنهنجي چاهہ
اسان روز ڏسون راهہ
رڙيون روز پڇن ڪونہ
مني ماٺ پلي آ نہ!
مَني تون ٻہ هلي آ نہ

ٻڌي ڪونج جو ڪرلاءُ
ڏئي ساهہ ڪي سُر ساءُ
وڃي ڪونج سان ڪنهن ساهہ
سندي ڳالهہ سلي آ نہ!
مني تون ٻہ هلي آ نہ!

جي [illegible]ل تي ڪري ڪُوڪ
پوي هانءُ ۾ تي هُوڪ
اچين ياد تي ان ويل
اها ڪوڪ پلي آ نہ!
مني تون ٻہ هلي آ نہ!

لڏي شهر وئينءَ ڇو؟
ڪري قهر وئينءَ ڇو؟
جتي راند ڪئي تو ٻہ
انهيءَ ڳوٺ ڳلي آ نہ!
مني تون ٻہ هلي آ نہ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لالڻ! تنهنجي لوڙ الا!
جوين کي جھڙ! جيت لڳي ويو

ڏرتي ويندي آهي ڏڏي، ويندو آ آڪاس لُڏي
جيئن ڇڄن تا جوڙ الا! جوين کي جھڙ، جيت لڳي ويو

سال ٿيا هن سات چنو تو دل جي دانهن تي سڏ نہ ڏنو تو
خوشيون تہ وٽ کوڙ الا! جوين کي جھڙ جيت لڳي ويو

ڦُڙ ڦُڙ 'مارُو' مينهن هيڏ کي لڙڪ، هيا ڪجھ نينهن هيو
سارو ڳڳن َڳجگوڙ الا! جوين کي جھڙ 'جيت' لڳي ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون بہ ڪجھ چاھين پئي،
نيڻ تنھنجا ٿا ڏَسن!

ٿي ڏئين ھر ھر ڦٽي
جيئن تون ھُن کي وٽي،
پاڻ چو ناھين پئي؟
نيڻ تنھنجا ٿا ڏسن!

نينھن پڪ لايو اٿئي
ڪو اگھڻ آيو اٿئي
جو تڙپي آھين پئي!
نيڻ تنھنجا ٿا ڏَسن!

ڪنھن کي ٻانھن ۾ ٻڪيئي
چاھ جو ڇُڪڙو چکيئي
قرب ۾ ڪاھين پئي!
نيڻ تنھنجا ٿا ڏَسن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿهٽِي جڻ تہ ٿِهاڻ، اَلڙ چوري چرڪٽي
سڪ نويلي سَڪُرَ جيئن، ۽ هيءَ جوان جماڻ
عشق، اوجاڳو، آرسون، اکڙين ۾ آلاڻ
پلجي بابَل پاڻِ، مُور نہ هاٽي موٽني۔

▲

امان۔ چُوڙ ڪُنڊي، ڏهندي اج تہ ڏکي لڳي،
ڍوليو ناهہ ڍڳن سان، موڳي آهہ مُنڍي
سجڻ ريءَ سُنڊي، مون تہ نہ چاڙهي ماَس جي۔

▲

اڍيون پلَ جو اوهہ، چار نديون جڻ ڪير جون
ڳوها ڳَهرو ڳهاءُ ڏين، سرتيون سڏڪا ڏوهہ
ڇا هيءَ ماٺهو موهہ؟ ڳوڙها جهيڙن جَهڳَ سان۔

▲

ماءُ! نہ مانڊاٽي، من جي مونجهہ جَهڪِي ڪري،
نينهن نہ نهيرو° سگهيو ڪڏهن پيي جاٽي،
چاڏيءَ چاهُہ نہ اوتجي، سڪ نہ سيباٽي،
الله شل آٽي، جي مکڻ ڳائن مون هٿان۔

▲

امان منهنجا انگّ، اوڪاسن عجيبَ لئہ
مَلِيري تہ مڙي نہ ٿي، ڍڳيءَ وجهان ڪيئن ڍنگ
درد نہ جاٽي دنگ، پسڻ ريءَ پرين جي۔

▲

° هڪ ننڍڙي ٿوٽي جنهن سان ماناٽيءَ کي رسو ٻڌي ڪير ولوڙيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجن سَوَڙِ هيٺ، هجي منهنجي ياڪرين
سارو لوڪ سَهائيان، ڏڪيءَ ڪهڙي ڏيٺ؟
موهه پرينءَ جو ميٺ، باقي طعنا تير جيئن.

▲

منهنجو هينئڙو هَنڌُ، سمهندي سڪ پرينءَ جي
لوڪ لکا، ئِي نہ ڪيان، اِهو وهيءَ انڌ
قربئون رکان ڪنڌ، ڀهڳڻ سندي ٻانهن تي

▲

ڀهڳڻ ٻانهن تہ ڏي، سيراندي هن سَر ڪي،
تہ آنءُ پڻ چوهہ چڏي، ترکي اَربيانَ انگڙا.

▲

جيڪي ڏور وسن، نينهن نہ ڪجي تن سان،
اندر تئي اتاولو تہ اکڙيون ڪيئن پسن
پوءِ پيا رَنج رَسن، ان ڪان اڳ اکيون پليو-

▲

جي نہ سڄاڻن نينهن، تن لئہ روح نہ روليو
ڳوڙها گوندر گاڏئان، جيڪي سمجهن مينهن،
عشق تہ ڪيهر شينهن، قِلهڙن مُور نہ قاسجي.

▲

تهڪن تي توڪيو هي جو ڳوڙهو هيٺ ڪِريو
پنبڙين تي روڪيو پيرين پئي پيار سان.

▲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خودي ڪيڙيءَ ۾، گوندر ڏئي گم تي وئي،
ٻهڳڻ ٻيڙيءَ ۾، روئي روانا تي ويا.

▲

تو پئي ڪئي تاڙ متان هر ڪاهي هليو وڃان،
مومل! هيءَ مَتاڙ هٽي، هَل تہ اچاڻءِ تو.

▲

ڳهلي! چالئہ ڳات، پري ڏيڏيءَ مان ڏسين،
هيءَ بَس هڪڙي جات، ڪاهي آءُ اچان پيو.

▲

اجان هڪڙي اوڙ ڏيئي ڏاند نہ ڇوڙيئي،
لعلڻ تنهنجي لوڙ لُونءَ لُونءَ منجهہ لڳي پئي.

▲

لَسي لوتي ۾، ڪامڻ آندي ڪانڌ لئہ،
هاريءَ جي هِن حُور جي، چاهت چوتي ۾،
ڳالهيون ڳوتيَ ۾، پرت پريل رومال سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُومل، ڇو تو رنجائين راڻا؟!
جنهن ريءَ، پينگ سمورا پاڻا!

هيءَ ويندئي پوءِ سُڏڪي پوندين
ڪنهن سان اورندين اولاڻا!

سارو وجود وکيري ويندئي،
بهتر آ تہ سَهي وڃ ماڻا!

ڪوشش ساڻ جهلي ڪيئن سگهندين؟
روئڻ ڪان هي نيڻ اياڻا!

موتيا ڪوڙ ميارون ڏيندئي،
ڪيئن ڏَس، تاريندين پوءِ تاڻا!

جوين، جذبا، آس ۽ اڪڙيون،
سارا ساٿ ڪرين تو ساڻا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ٻاجهه اسان جو ٻَل
توبن پيڙا! هرڪو پَل-

تنهنجو پيار ئي پئوٽو آ،
نينهن اسان جو ناهه ڪتل-

هانءُ هَني جيئن ناهه پرين!
تانگهه نه ڪائي گهوڙي تَل-

وادي وانگي هينئڙي کي،
ساجن ياد ڪيي تي سَل-

بي قدرن کان ڪهڙي توقع؟
هئه هئه جيئڙا! هيئن نه جَل!

تنها رُلندي رات لَڙي.
مارو! گهرَ ڏي موٽي هل-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندرتا جي سڪ ۾ ڪي سوچون سڙيون هن،
دليون ڪوڙ ڪنهنجي تہ ڪوتا ڪڙيون هِن.

چڏيائون وسائي ٻريل باھ دل جي،
اِهي لڙڪ لاُرون وڏيون بي وڙيون هِن.

اسان جون نگاهون، اوهان کي ٽيون ٻولِن،
اوهان جون اکيون يارا ڪنهن ۾ اڙيون هِن.

اجان ڪين تن ۾ ڪا مانار آئي،
سڄي عمر ساحلِ سان لهرون لڙيون هِن.

اِهو روح 'ماروءَ' جو خالي نہ پانيون،
سدا چاھ جون جِت، وڳيون پئي چڙيون هِن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو چوڙين جي ڇن ڇن رهي آ ڪٿي.
پرين! پنهنجي ساڳي! وهي آ ڪٿي.

سدائين چڪورن کي پيو تو ڇڪين،
اڙي چنڊ! هاڻي لهي آ ڪٿي.

اُميدن جا پنڇي بہ زخمي ٿيا
تون ٻڌجي ڪو مرهم، نهي آ ڪٿي.

تصور تي ڏنڏلا ويا هن سيئي،
اُهو عڪس اک ۾، سهيِ آ ڪٿي.

ڏکي وات 'مارُو' سدائين وَتي،
ڪڏهن هوءَ آئي، ڪهي آ ڪٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيٽ ويندو، ڦلارا ڪيئن رهندا؟
لاب پوندا تہ يارا ڪيئن رهندا؟

سڀ صراحيون ڀڳيون پيون آهن
خوبصورت خمارا ڪيئن رهندا؟

ڳوٺ تنهنجو اهوئي ساڳيو آ،
تون نہ آهين، قرارا ڪيئن رهندا؟

هُن چيو ”مئڪدو ڇڏي ويا رند“
جن کي ملنديِ ميارا ڪيئن رهندا؟

اُن ڪري ئي تني ويا ’مارُو‘
هئا مفادن جا پيارا ڪيئن رهندا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وفا جون يادگيريون، دل جي لئہ انمول تي ويون هن.
ادائون عشق جي لئہ جڻ، پروٽوڪول تي ويون هِن.

اکين ۾ عڪس مرڪن جا، ڪنن ۾ ٽهڪ تا گونجن،
چُميون تنهنجون، گلابن جو پريل جڻ جهول تي ويون هِن.

ڪُنن تي ڪاهہ سهڻيءَ جي، دِلي کي سير جون چُميون،
سنڌوءَ ــ لهرون، سموريون چاهہ جو چوٻَول تي ويون هِن.

سواءِ راڻي جي موملِ! اڄ بہ تي؛ هيءَ، ڪاڪ سُڄ سمجهي
ميارون مينڌري جون، هُن جي لئہ، ٻڙڌول تي ويون هِن.

نرالو ناز آ تنهنجو اياڻو عشق 'ماروءَ' جو
اسان جي ذهن جون سوچون اسان جئن رول تي ويون هِن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُڏارون چنڊ کي آڇي، چڪورن، چاهه ڇيڙيو آ.
وهائي لڙڪ يادن ۾، اسان ڪجهه موهه ميڙيو آ.

سُريلي شام، درياءَ تي، پرينءَ جو ساٿ هو مون سان،
انڌاري رات ايندي، جوڙ پنهنجو تو نکيڙيو آ.

اوهان کي سونهن تي باور، وڇوڙو پوڳ تا سمجهو!
جدائي جو سهي صدمو اسان جذبن سان جهيڙيو آ.

هزارين تهمتون سرَ تي سهڻ، ايڏو نه سولو آ،
هيو ڪجهه سونهن َجو هٿ ۽ عقل کي عشق تيڙيو آ.

سُهاني رات 'مارُو' پُور ڏاڍا، پيار جا آندا،
منوتڙي! انبَ تي پولي، اندر جو ڦٽ اُڌيڙيو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسنتي روپ ۾ راتي،
جواني جنهن سان گڏ ماٽي.

اچن تا زلزلا دل ۾،
تئي شل اک نه ويڳاٽي.

اهي ڳوڙها وڏيون ڳالهيون،
اجايو ڪونه هِن پاٽي.

اوهان جي سونهن ۾ سُرخي،
اسان پَئي تانگهه ۾ تاٽي.

نرم اهڙو بدن هُن جو
مَکڻ جي چڙ هجي چاٽي.

سچي تحرير اکڙين جي،
۽ 'ماروءَ' ڪي به تي ڄاٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيئي پيار جا سلسلا تو لُٽي،
وچوڙن وڏا حوصلا تو لُٽي.

جدائيءَ سبب تيون سنهيون آڱريون،
ڇَلا، وقت کي، گهرگهلا تو لٽي.

رُڳو سونهن پوڙهو لُبي ڪونہ تو
مگر، چاهہ کي چلولا تو لُٽي.

رُئڻ تي تي بندش، تہ ڳوڙهو لِڪي،
بہ تي تهڪ پوءِ، ڪوڪلا تو لُٽي.

ڳري وئي پرينءَ بن، تہ ’مارو‘ رُني،
اِهو، دردا سينهون دِلا تو لُٽي.

ꕥ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦِڪي مرڪ، ماني رُکي تي لڳي.
ڪسڻ دل اوهان کي، سُکي تي لڳي.

هي دنيا ڪري، ’سهڻي‘ پيدا وري،
خدا کي بہ ڏاهڻ ڏُکي تي لڳي.

چُمن گل تا گوڙهن جا چپڙا پرين!
اِها پيار جي اک ٻُکي تي لڳي.

وڃي يار جاڏي، ڏسان تاڏي تو
نظر جڻ تہ ’سورج مکي‘ تي لڳي.

جڏهن ٻانهن تي سونهن سڏڪي پئي،
تہ دڙڪا وساري، دُکي تي لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو وقت گذري، نہ ايندينءَ تہ چا
اسان هاڻ ماٺهوءَ سندو موهہ پرکيو
سيئي ڏوهہ ڏاڪا، سچو ڊوهہ پرکيو
اچي دل کي آتت، نہ ڏيندينءَ تہ چا
ويو وقت گذري، نہ ايندينءَ تہ چا

◇

هوائن جي سامهون ڇَتا ڪين ڇوڙيو
متان وچڙي وارن سان رُڪجي پون،
اِتي ئي نہ ٻانهُن سان ٻکجي پون،
وڃڻ ڏيو هوا کي، نہ منزل کان موڙيو
هوائن جي سامهون ڇَتا ڪين ڇوڙيو

◇

پنهنجو حقّ جتائِن تيون
تو وانگر ئي تنهنجون يادون
روز ڪُهن تيون، مَنّ ــ مرادون
منهنجي ننڊ ڦتائن تيون
پنهنجو حقّ جتائن تيون

◇

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو ڌڻ ڌنارا شل وڌي ولين جيئن،
توکي آچيم عشق ۾، پنهنجا انگ انار
ٻڪرين ڏنئي ڏاس ۽ مون هي پنهنجا وار،
۽ پوءِ سڀ جمار تولئہ تڪيندي گُٺي.

▲

لهريون❶ ۽ لپريون❷ ساجيون رهن سال پر
جانب آٽن جوءِ ۾، ٻاجهہ ڪري ٻڪريون،
الاَّ! سي اَيريون، مُور نہ ڪجانءِ ڪڌهين

▲

ٽپرين❸ کي ٽاري، لاهي لالڻ! ٽي ڏني،
ٻَڪر جا ٻُٽڪاٿ ها، هانو مٿان ياري،
تن تڌهن ساري، صحبت سپرين جي-

▲

ٽاريءَ سندو پُور، ڌٽيءَ آندو ڌڻ لئہ،
ٻيانو وجهي ٻاجهہ سان، هليو آه حضور،
واڙيءَ ۾ وَهلُور، ڏهندي ٻڪريون آءُ وچان.

▲

ڍوليا! ڍنگهر آڻ، لوڙهو ويهي آ ويو
متان بگهڙ ڪو اچي، ڪامورين جي ڪاڻ،
مونسان پوءِ پلِ ماڻ، جانب جوين راتڙيون-

▲

❶ ❷ ❸ ٻڪرين جا قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُوڪُو[1] ڪاموريون، اچو تہ ورئون واڙ ڏي،
سج لهڻ ۾ ساعتون، باقي ڪي توريون،
توهان چرجو تارڙي، اسان چنگ چوريون،
يادون ڪي ڳوريون، هٿايون هِن هانءُ تان!

▲

رات سڄي راهون، تڪيندي تارا تڪس،
پرينءَ- پرچڻ لاءِ ٻڌي ٻڪرين کي ٻانهون،
ويچاريءَ واهون، بند ڪري ويو ٻانورو-

▲

ٻاجهہ ڪري ٻَڪراُر ٻڪريون! پرچائي ڏيو
سَرَ تي سمجهي اِج ڪٿو ٻَريون![2] منهنجو ٻار
هَئي هَئي هينئڙ، تو ڪري، اديون! اهڙو آر
لالڻ! جو لاچار! منت ڪرائي تو مونکي.

▲

ڊوليي کي ڊيرا! [3] منهنجي پارت ڪر ڪٽي،
هٿ حبيبن جو ڏئي، توکي تو ڦيرا،
جوين تو جيرا، ساڙي سڄڻ جي سواءِ.

▲

---

(1) ٻڪرين کي سڏڻ وقت چيو وڃي ٿو.
(2) ٻڪرين جو قسم
(3) ڊيرو ڏاس جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڪيون![1] خبر ڏيوس، منهنجي هيٺي حال جي،
تنها جاني جهنگ ۾، مون جيئڻ ساٿي تيوس،
تنهن ڪان پوءِ پڇوس، پيڙا منهنجي پيار جي۔

▲

جوين ۾ جيڏيون! جي درد پرايو پيار جو
پوءِ نہ اوهان جو منڙو مڱيون ڪري ايڏيون،
ڪڙيون هن ڪيڏيون، پيڙائون هن پرت جون!

▲

ڏايُون ٹُڪَ۔ رلي، سيئي گڏجي سرتيون،
’هُن‘ ڪي ڏيٽي َسوڪڙي، خوش ٿي آهہ ڪلي،
ٿوبي منجهہ ٿِلي، پوندس منهنجو پيارڙو۔

▲

ڏک منهنجا ڏوئي، ويهي ٻڌا ٻاجهہ سان،
رڙيون ونديم رلين سان روح سنديون روئي
سَوَڙِ ساٿ ڏئي ٻڌا، سڏڪا سيوئي
جوين ۾ جو ئي، اولاٹو مون اوريو.

[1] ٻڪرين جي ڱچيءَ ۾ ٻڌل چڙيون.

نئون– چاهه چمڪيو نئين چوٽ ڪاڏي
اڙي پيارا توڏي وري موٽ ڪاڏي

بظاهر ڪٽيوسين، ڏنو جڳ سڄي پر،
اسان هار تنهنجي، اکين اوٽ ڪاڏي

سڄڻ ڪان ڇڄڻ تي، وني مُونجهه ۾ هئي،
عزيزن جي دعوت ڪِلي گهوٽ ڪاڏي

مٽين سان مڙهي، گر– اڳٿ موڪليائين،
وڏي مات پوءِ جڻ پٽس ڪوٽ ڪاڏي

اسان، نينهن نَوتِڻ ۾، سرُ چو ڏيون ها!
پرينءَ جي ڳٽنِ پر ڳچيءَ ڳوٽَ ڪاڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا ۾ آهي هُڳاءُ تنهنجو
لڳي ٿو ويجهو پڇي ڇُڪي آن
اسان کان پَر تون وئي لِڪي آن،
قريب آ ڪٿ پڙاءُ تنهنجو
هوا ۾ آهي هُڳاءُ تنهنجو!

◇

اڃان رات جو ساٿ آهي پرين!
اوهان جي وفا تي لِکُون گيت پيا
زهر زندگي پر ڏِيون ڳيت پيا
اڃان ذات جو ساٿ آهي پرين!
اڃان رات جو ساٿ آهي پرين!

◇

ڇريءَ ڪهڙو ڇتُ پرين!
مُئيءَ ڪهڙو مامرو
جي نہ اوهان جو چانورو
ولِهيءَ ڪهڙو وتُ پرين!
ڇَريءَ ڪهڙو ڇِتُ پرين!

◇

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهوئي گهر...

اُهوئي گهر تہ سامهون آ
اُنهيءَ ۾ تون ڪٿي آهين
هُئين تون پروسو منهنجو
او منهنجي "مون!" ڪٿي آهين؟

اهي ئي در جي پيڪڙ مان
هٿن ڇالا ڪٿي آهن؟
خماريل نيڻ ڪٿ آهن؟
پرون پالا ڪٿي آهن؟

اهوئي گهر تہ سامهون آ_
نہ ئي مرڪن، نہ ئي ٽهڪن
سندي اڄ گونج ٿي پڌجي
هئي جا ڪالهہ پاڪر ۾
پري سا ڪونج ٿي پڌجي_

اهوئي گهر تہ سامهون آ_
اُنهيءَ گهر ۾ ڏسان پيو تو
رهي ٻي گهر – ڏياٽي تي،
اتي منهنجي نہ مومل آ
رهي ڪنهن ٻئي جي راٽي تي_

اُهوئي گهر تہ سامهون آ
اُنهيءَ ۾ تون ڪٿي آهين_

ꕤ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر چڪورن جا ڪُسي ويا،
چنڊ جا ساڳيا افعال

تو اڱڻ ايري اڪيلو
ياد ۾ ڪي ڳل ٻُسي ويا۔
چنڊ جا ساڳيا افعال

تابُ تارن تي وڏائين،
هُو تڏهن ڪانئُس رُسي ويا،
چنڊ جا ساڳيا افعال

ترورا درياءَ تي، ۽
نيَڻَ بيڙيءَ ۾ ڪُسي ويا،
چنڊ جا ساڳيا افعال

ياڪرين؛ چوڙيون پيجائي
ٻانهن لوڏيندا ٻُسي ويا،
چنڊ جا ساڳيا افعال

ڪنهن جي اکڙين جي امنگ،
ڪير ماپي ڪيئن سگهندو؟

روح جون رولاڪيون ۽
هي دلين جا درد — دنگ!
ڪير ماپي ڪيئن سگهندو؟

وجد اکثر واجدن کي،
چو وجهي تو ڪيئي ونگ.
ڪير ماپي ڪيئن سگهندو؟

موهه چاهي، ڊوهه چاهي،
نينهن تنهنجا سارا ننگ
ڪير ماپي ڪيئن سگهندو؟

جوانڙن جا تهڪڙا،
۽ جوانڙين جا جلترنگ.
ڪير ماپي ڪيئن سگهندو؟

مونکي ڪنڌي تي
ڏيندينءَ، ٻه- تي ٺهڪڙا!

جيئن اجان ڪجهه جِي ونان
جيڏي! جيئڻ لئي
ڏيندينءَ، ٻه- تي ٺهڪڙا!

منهنجي مالا تي ڳُٿي
ناهيان ڪئين اُن کي
ڏيندينءَ، ٻه- تي ٺهڪڙا!

ٽڙيا ناهن ٺهڪ ڏئي
ڪامڻ! ڪنولن کي
ڏيندينءَ، ٻه- تي ٺهڪڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيرِ ۾ هٿ ساڻ لوڙهن، سي نہ ٿيندا پرجهلا،
پرُاهي ئي ميت من جا، پوءِ وسرن ڪيئن پلا!

چندّ لمحا چاهہ جا، اتساهہ تا ڏيئي وڃهن،
ورنہ ساري زندگي آ، ڪربلا ئي ڪربلا،

موهہ ماڻهوءَ جو ڪڏهن، مايا خريدي آ سگهي،
سوڪڙي ٿي جي ملن تا، لڪ لهن تا سي ڇلا،

يار ميلي تي ويو تس، پڪّ آٽيندس سڀيون
هيءَ دعا ويني گهري ”شل خير سان موٽي الا!“

مان تہ شاعر ڪونہ هُس، پر ڪنهن وڇوڙي وَڍ وڌا
ڪا ڪَمي ’مارو‘ اسان ڪي، آ ڏئي ويئي ڪلا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو تي ’حاجي خان[1]‘ وجين،
هي ’پَٽُ‘[2] تہ پياري تنهنجو آ،
ڳُوهہ وڏيري جو ناهي
هيءَ مَٽُ تہ پياري تنهنجو آ

آد جُڳاد کان تنهنجي وڏڙن
تو جيئن سُور سَنا هوندا،
پنهنجا پکڙا ڪين چڏيائون،
ڏک سُک منجهہ ڪَنا هوندا۔

رئيسن جي جاگير تہ ناهي
سهٽي! سارو هي ڪاچو
تنهنجو پي ڪجهہ حق لڳي تو
ائين لڏين تي پوءِ پلا چوا!

پيءُ۔ماءُ کي ڪر منٿ ڪٽي
تون نيٺ تہ پرٽائي ويندينءَ
ايڏي تون ڪمزور تہ ناهين!
’دودي‘ جهڙا پٽ ڄڻيندينءَ۔
تنهنجا پُٽڙا ’ڊُولهہ‘ ٿيندا،
پنهنجي سگهہ مڃائي سگهندا.
لوفر کي للڪاريندا هي
تنهنجو درد مٽائي سگهندا.

❶ ❷ بٺي جو هي تعلقي جا مشهور ۽ وڏا ڳوٺ. جيڪي هڪ بٺي کان گهٽو پري آهن ۽ مون استعاري طور استعمال ڪيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ ڪهڙي نينهن نهار وڏئي

هي ڪهڙو توسان رشتو
تون روئين تي مان روئان تو!
بيا پاڻيءَ سان مان چمين سان
تنهنجا ڳلڙا ڌوئان تو.
تون چا سمجهين تنهنجا ڳوڙها
منهنجو جيءُ نہ جهوريندا؟
جا پاڻ کي پيڙا پيڙي تي
سا دنيا جا وَت توريندا؟
مان سمجهان تو چا ملهہ آهي
هڪ سڪ واري ڪنهن سڏڪي جو
پر ٻيو ڪو ڪيئن ڪتي سگهندو
درد اندر جي اُڌڪي جو.
هيءَ ڪهڙي آخر شڪتي آ
تي گيت لڪائي تنهنجي لئہ؟
هيءَ ڪهڙي نينهن نهار وڏئي
جا روز رلائي تنهنجي لئہ؟

ꕥ

ڪجھ اکين آوارگين ماري وڌو
نينهن جي ناراضگين ماري وڌو.

پنڌ اوندھ ۾ بہ ڪرڻو هو ڪيوسين،
چنڊ جي چالاڪين ماري وڌو.

موملي ماڻا تہ مون ماٽي ڇڏيا،
سونهن جي پر سادگين ماري وڌو.

ڏک رُسڻ جا ڪئي سهي وياسين مگر،
يار جي بي واجبين ماري وڌو.

پيار جي پاتال ۾ غوطا هنيا،
جسم جي جادوگرين ماري وڌو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيستائين ڪو سهي
زندگي، تنهنجو مذاق!

تنهنجي خاطر آدمي تو
خود فريبيءَ ۾ رهي
ڪيستائين ڪو سهي
زندگي، تنهنجو مذاق!

عشق جي آ ڪاڪ اوکي،
پو بہ هر ڪو تو ڪهي
ڪيستائين ڪو سهي
زندگي، تنهنجو مذاق!

موت سان جهيڙي بہ تولئہ،
ڪو وِنگارون تو وهي
ڪيستائين ڪو سهي
زندگي، تنهنجو مذاق!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙ منهنجا لاڙي

الاَ! جي اتي پون

ڪيڏا ڪنڊ ڪپي وڄهي، ڪونڊر ڪهاڙي،
الاَ! جي اُتي پون!

پوءِ نہ رئندي پٽ لئہ، ڪائي — ڪراڙي،
الاَ! جي اُتي پون!

ڪاچي، ڪچي مان ڪڍن، ٻجائي ياڙي،
الاَ! جي اُتي پون!

ڪوڪر جي، ڪاهوڙين لئہ هوندي نہ ڪا واڙي،
الاَ! جي اُتي پون!

ڇا تون مان ٻيهر ملڻا هون؟

هيءُ آخر ڪهڙو تعلق آ،
جو ڪونہ ٿو ٽوڙيندي بہ ٽٽي
ڪنهن جهوريءَ ۾ پيو هانءُ جهجي
ڪو لڙڪن جي بارش ۾ ڀڄي۔

جيتوڻيڪ اسان جي دل ۾
پرندڙ باهہ ٺري وئي آهي
اڪرين آس مري وئي آهي
وقت جي ويڙ وري وئي آهي۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي منهنجي من اندر ۾
ڪانه تي ڪائي تانگهه تڻي
۽ ڪونه تي ماضيءَ ياد وٽي
هن چاتيءَ تي آ چِپ مَٽي
اَڄ تنهنجي ڳلن تي چرين جيئن
هِي چپ نه چمين لئه آتا
جن گيت پريت پريا تي ڳاتا.

پر پوءِ به الائي چو سهٽي
هي تنهنجو منهنجي لاءِ پڇڻ
پوءِ سامهون اينڊي ڪجهه نه ڪڇڻ
۽ ساڳئي سمبنڌ لاءِ لڇڻ

ٿو سوچڻ تي مجبور ڪري
ڇا تون مان بيهر ملڻا هون؟
ڇا اڳ جيئن خوش تي ڪلڻا هون؟
گڏ جيون دڳ تي ٿلٽا هون؟

هيءُ آخر ڪهڙو تعلق آ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان اجارو ئي مرانْ ها

پيار جي پارت نہ ڪر
روح ۾ رهنديئَ تون
انگ اريپئي پوءِ ڪيئن
هانوَ تان لهنديئَ تون
قرب ۾ ڪهنديئَ تون
پڪ سدائين پار منهنجي
۽ چمين جا قولَ ڪي
اڄ ڳلن تي هارِ منهنجي

تنهنجي ٻانهن جون وليون
عشق جي هن اُڃ ۾
چڙهہ تہ پاٽيءَ جون ڪليون

مان اجارو ئي مران ها
پيار جو پاٽي ڏنو تو
ڇا ڪو پاٽي پياس ۾
ڪونہ سارينڌو ڇري
توکي ڏس هي تنهنجو 'مارو'
ڪينءَ وسارينڌو ڇري؟

پيار جي پارت نہ ڪر
روح ۾ رهنديءَ تون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان ڄڻ طُور تي وياسين!

اسان، فطرت جي ويجهو تي
خدا کي روح جي اک سان
ڏسڻ چاهيو پئي جانان!
اسان نر۔ ماد جي ننڍڙي
اجائي خول مان نڪري
وڃڻ چاهيو پئي جانان!
اوهان سمجهيو تہ پاڳل هُون
اوهان جي انگ هرهڪ تي
وُناسين ڄڻ تہ بادل هون
مگر تہ بہ رولڙا ايڏا
ڏنوَ مونکي اڙي جانان!
وڏا ٿَوَ اولڙا ايڏا،
اسان جي روح جي اک تي،
جو پتڪي سپ وياسين دڳ
اوهان جي نانگ جهڙي چڳ،
اسان کي ايئن ڏنگيو جانان!
خدا کان ڏور تي وياسين،
اوهان جلوا ٿيا نوري،
اسان ڄڻ طُور تي وياسين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُدتن ڪان پوءِ

مدتن ڪان پوءِ تنهنجون
بي وفايون ياد آيون
۽ رُسڻ ڪان پوءِ پرچڻ
لئہ صفايون ياد آيون
اڄ تصور ۾ اچانڪ
عڪس تنهنجو ياد آيو
رقص تنهنجو ياد آيو
ٿهڪ سارا ياد آيا
چاهتن جا جيءَ جذبي ڪي
ڇهڪ سارا ياد آيا
ڪٿ تي گهر جي پڌر ۾
مان سٽل ۽ شل پگهر ۾
اوچتو اُپ ڏي چتايم
چانئجي ويون هون گهٽائون
لڙڪ منهنجي اک جا ڪجهہ
ويا قدم اڳتي پري ها!
۽ پڇائون! اي گهٽائون!
هن اسان جي، گيت سرجيندڙ
ڪويءَ جي
ڪٿ ڏنو هرٽي هيسايل
پوءِ ويندڙ هو گهٽائون
گهر مٿان ترسي پيون هُون!
ڪجهہ گهڙيون برسي پيون هيون
پوءِ سوچيم: بي وفايون ۽ وفائون
موهہ سارو مان هيس
نينهن جو سارو نظارو مان هيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ سونهن

انهيءَ سونهن تنهنجا ڍڪيا عيب سارا
انهيءَ عشق منهنجون ڪي خوبيون لتاڙيون
مٺي مُرڪ تنهنجي ڪئي ٿي سفارش
مگر لڙڪ منهنجون اُميدون اجاڙيون
هميشه رهيون گڏ مگر ڪم نه آيون
رڙيون ۽ رساما پرين جون جدايون!
اکين آسمان تي سدا چنڊ ڳوليو
سدا روح ڪائي تمنا نپائي
پئي منهنجي چيڙن ڪا چاهت چڪائي
سدا منهنجي ٻانهن تيڻ هار چاهيو
هو تنهنجي ڳلي جو ها سهڻي ڳلي جو
۽ توسان رڳو بس ڪرڻ پيار چاهيو
هيو تنهنجو هيڪر تيڻ يار چاهيو
تڪبّر سندو تير جڻ سونهن تنهنجي
اسان جي هئي دل نشانو سندس
اسان جي حصي ۾ به ٿي منت آيا
هي دنيا هي دولت زمانو سندس

انهيءَ سونهن تنهنجا ڍڪيا عيب سارا
انهيءَ عشق منهنجون ڪي خوبيون لتاڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ مَسُ جو ڦڙو
شهيد جي آ رَتَّ کان
ها سونهن کان ۽ سَتَّ کان
ڪڏهن بہ ڪين تئي لُڙو
وڏيڪ مَسُ جو ڦڙو.

◇

ڏئي پيار هيڪرِ اُنهيءَ کي نہ تاڙيو
اسان نينهن نئين مان لڳايو تہ هو
اجان ڏِير دل کي نہ آيو تہ تو:
سويري وجي سات پنهنجو پلاڙيو
ڏئي پيار هيڪرِ اُنهيءَ کي نہ تاڙيو.

◇

هوائن جيان سونهن جي ڪانہ منزل،
جتي پاڻ چاهي هلي ٿي وڃي،
رُسي ٿي تہ راڻين کان پيرا پڇي،
ڏسي هن کي پاڳل ٿئي هرڪو عاقل!
هوائن جيان سونهن جي ڪانہ منزل.

◇

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڄامشوري اچڻ جي تيئي،
اسان توکي ملنداسين قاضيءَ جي پاڙي،
اُتي ايندا آهيون، ۽ تي لڙڪ لاڙي،
ملي ويچان دل جو چوڻ جي تيئي!
ڪَڏهن ڄامشوري اچڻ جي تيئي،

◇

وري ياد ايندين اوهان جون ادائون
جڏهن ڄامشوري تي بادل وسيا،
جڏهن پنهنجي منزل ڪي راهي رسيا،
جڏهن بي ڇَيُون ڪي گهليُون هت هوائون،
وري ياد ايندين اوهان جوَن ادائون.

◇

اوهان جو ڪلڻ چو اسان کان نہ وسريو
اوهان منهنجا ڳوڙها وساري ڇڏيا،
دليئون موهہ جا مَندَّ واري ڇڏيا،
پَنَن جيئَن نہ منهنجو اچا عشق وڪريو
اوهان جو ڪلڻ چو اسان کان نہ وَسريو

◇

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متان چئين تہ يونيورسٽي وَٺي ويس،
اسان جي ڪٿي تي هتي اک لڳي،
اجان جنڊُ پئي توهہ_ تنهنجي تڳي،
متان چئين تہ مون بن ڪنيي ڪا ڪٽي ويس،
متان چئين تہ يونيورسٽي وَٺي وِيس.

◇

ڪنهن جي لار لڳڻ تي چاهين؟
رمندا بادل ساٿ نہ ڏيندئي
پاچولا چا پيارِ وندبيندئي؟
ڪهڙي توهہ تڳڻ تي چاهين؟
ڪنهن جي لار لڳڻ تي چاهين؟

◇

هوا واٽ ويندي ملئِي جي سَڪِي،
تہ پچجانس فئڪلٽي وسري ويئي؟
شرارت اکين مان چا نڪري ويئي؟
اسان آس سانڍي اکين ۾ رَکي،
هوا واٽ ويندي ملئي جي سَڪِي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس نہ ٿيو يار کي ڪنهن ويل جفا جو.
مون پاڻ ورتو خوب مزو سونهن سزا جو.

هن اڄ کي هو سڄ ڏنو ڪلهہ چا نہ سهارو،
ڪو آسرو ئي ڪونہ هو گهنگهور گهٽا جو.

ڪلهہ ڳوٺ منجهان ڳلّ اگهي شهر هليو ويس،
پيا قرض چڪايون تا پرين تنهنجي ادا جو.

گهر ڳوٺ سلامت نہ رهيو پيار سلامت،
ڪو پروسو ئي ڪونہ رهيو بدلي فضا جو.

ايذي نہ وڏي مونکي جدائي جي سزا ڏي،
جي ڪجهہ تون اندازو بہ ڪرين منهنجي خطا جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ جدا ٿي پوءِ بہ ڇا سينگار ۾ مصروف هوندي؟
ڪيئن ڇئجي؟ هوءَ تہ لڙڪن لار ۾ مصروف هوندي.

وقت جو درياءَ لوڙهي ڪيس ويو يا پاڻ وئي،
ڪنڌ ڌوڻي ها ڪرڻ، انڪار ۾ مصروف هوندي.

ياد منهنجي- تون وڃي هُن کي اجايو تنگ نہ ڪر،
ڇو تہ هوءَ اڳ ئي گهڻو ڪم ڪار ۾ مصروف هوندي.

”عشق ڪائي باهہ آ، يا آهي جوين سوڪڙي“
پاڻ ئي پنهنجي اندر تڪرار ۾ مصروف هوندي.

گفت گل رابيل جا پڪ سان وڃا هوندا سڪي،
پوءِ بہ ماروءَ دل ڇيو مهڪار ۾ مصروف هوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوسيئڙو

تون بسنتي ويس ۾،
منهنجي گهر آئين هيئنءَ
منهنجي دل جي ديس ۾
پيار جا ڦولارها
ڪجهه تون گهٻرائي هئينءَ
۽ پوءِ شرمائي هئينءَ
مون وڏي بس هٿ چُميو هو
۽ گهميو هو
جسم جو سارو جهان
ڇا تہ هو پيارو جهان
تون هلي وئينءَ
ٻي ڳلي وئينءَ
منهنجي نيڻن جي ڪڙهہ پر
اڄ بہ تنهنجي لئہ ڪليل آ
هو تہ سمجهن ٿا پليل آ
هوءَ بسنتي ويس واري
آ سرنهن جيڪر ڦلاري
ان بہ تنهنجي ياد آندي
تون نہ آئينءَ، تون نہ آئينءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهه هُن جي ٻُڪِي پئي آهي
ساهه جي سَڌ سُڪِي پئي آهي

نيت ونواهه ۾ وڃي وِڻي
ڪيئن ملندي رڪي پئي آهي

هي پتو آ ته هوءَ ٻئي جي آ
پوءِ به چو دل ڊڪي پئي آهي

ڪجھه قلبَ مُٺ تي سونهن جي ديوي
اڄ وڪاڻي اُڪي پئي آهي

خاڪ ۾ جڙ ملي وئين مارُو
جو خودي يي جُهڪِي پئي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي تا سانگي اچون.
ڏِسُ تہ ڪنهن وانگي اچون.

ڪار ڪاچي ڪيئن هلي،
تا چڙهي چانگي اچون.

هوءَ ڪرولا ۾ پڳي،
پاڻ ڪيئن تانگي اچون.

رات آڌيءَ جو پئي،
ٻَٻرُ ٻِشانگي اچون.

هل تہ مارو چيلڙن لئہ،
تارڙي چانگي اچون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوءِ سهڻي چوڪري،
تون گلن جي ٽوڪري.

مان ڪَٿي ڪيئن تو سگهان،
پيار جو ملهہ پوپري.

تون سمايل ساهہ ۾،
تون ڪٿي آن اوپري.

ذهن تي وئينءَ ڇانئجي،
چوڪري۔ مُنهن موڪري.

مدتن کان پوءِ بہ مارو
سڪ لڳي تي اوتري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ کي ڪو نڪاءُ ڪونهي ڪو،
پين سان اهڙو لقاءُ ڪونهي ڪو.

پيار تورو ڏڪار ڏادي آ،
سچ آ، هيءُ نڪاءُ ڪونهي ڪو.

مان اجايو اکن چڪن آهيان،
هُن جو مون ڏي جهڪاءُ ڪونهي ڪو.

روح تنهنجو بہ تو گهري ڪجهہ ڪجهہ،
ڳالهہ هن ۾ وڌاءُ ڪونهي ڪو.

اک ملائڻ رواج تي پيو آ،
ور نہ مارو نياءُ ڪونهي ڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي مَن تي تنهنجي ڇايا،
تنهنجي قربن گيت لکايا.

جوبن جي رُتِ ۾ هڪ چوري،
منهنجي ويئي پلٽي ڪايا.

خوابن هر هر ايندي ويندي،
رات سڄي پئي نيڻ ستايا.

پيڪَرُ هو جڻ پيار پرينءَ جو
تڏهن تہ هُن تي حق جتايا.

ساري رات لڙيا اوندهہ سان،
سج اُڀري سي ديپ اجهايا.

”ايڏو رول نہ تي او مارو
آءُ پُڳي هان سانگ سڄايا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو مٿان بار ٿي نہ ايندا سين
ها پرين يار ٿي نہ ايندا سين

جي بُرو ٿا خلوص کي سمجهو
هاڻ غم ٿار ٿي نہ ايندا سين

چلولا ٿي پيا هياسين پر
ٻاجھ لئہ ٻار ٿي نہ ايندا سين

تنهنجي محفل مان روز او جانا
موٽندي خوار ٿي نہ ايندا سين

غم تہ حد کان ٽپي ويو مارو
نيڻ جو نار ٿي نہ ايندا سين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح کي اج قرار ڪونهي ڪو
چو ته پاسي ۾ يار ڪونهي ڪو

مون ته هڪڙي خطا چمڻ جي ڪئي
تهمتن جو شمار ڪونهي ڪو

جاڳندي رات تي لڙي پنهنجي
ڪيئن چوان انتظار ڪونهي ڪو

سار سپنا به ڏَڻَ سُجي وانگر
جنهن جو ڪوئي ڏنار ڪونهي ڪو

نينهن مارو چٽي نه ويندو آ
هي سرنهن جو ڦلار ڪونهي ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روڊ مٿان ڪا راٽي گذري
ڪنهن جي پيار۔ ڪهاٽي گذري

سال ٿيا هن پوءِ ٻه لڳي ٿو
هوءَ آ مون ڪان هاٽي گذري

حيلا سڀ ناڪام ويا ٿي
ٻڌجي سِرَ تان پاٽي گذري

هينئن ٻه ناهه ته ڪو نه ڏٺائين
هوءَ ته ڄاٽي واٽي گذري

صبح جو مارو ڏور وڃئي ٿي
رات اسان گڏ ماٽي۔ گذري

ﷻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڻ ويا ٽس دور ٿي، جو دل رڙي ۽ پئي ڪڙهي
آ اکين ۾ نينهن جي، ڪائي عبارت ڪو پڙهي

ڇڏ بهانا، هوُ پهاڪو تو ٻڌو ناهي ڇري
”جَتُ ڪڙهہ تي ڪير پياري، جي سچائيءَ تي چڙهي.“

ٻيا بہ ڪيئي سونهن تنهنجيءَ تي ڏنم عاشق هيا،
لوڪ ساريون تهمتون مون تي ڇڏيون آهن مڙهي

آنءُ پهتس سام تي، پر هُن پناهون ڪِٿ ڏنيون،
راهہ ۾ رولي ڇڏيو تنهن، مان لڳس جنهنَ جي لڙهي.

هُن هٽي مُهري وڌي اُڪري پيچي ويس هَٿُ ڦِري
سامهون مارو هيس پوءِ ڪيئن ڇوري اَنُ چَڙهَي

وقت ڪٺيوسين ورهہ ونڊيندي
سڏڪي پياسين جهٽڪ جهليندي

توکي ترس نہ هرگز آيو
نينهن اسان کان ننڊ ڪسيندي

راس نہ آئي جوڀن جي رُت
هوءَ وڇڙي وئي رات پٽيندي

ساري رات رمي وئي آهي
سڪ ۾ سڙندي سُٽ ڪتيندي

مارو! تون بہ شڪاري نڪتين
وقت وڃائي هرڻ جهٽيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ جنهن سان دل لڳي آ
سا تہ منهنجي زندگي آ

سڄُ ايري پوءِ وچان
رات ڪيڏي شبنمي آ

چو سدائين زندگيءَ ۾
پئي رهي هُن جي ڪمي آ

چوٽ تي جي چاهہ تيندو
هر سزا پوءِ پوڳڻي آ

ڪاوڙي مارو! ڪتي آ
هوءَ تہ پرچڻ لئہ رُني آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو مُکَرَ جي ماءُ وارو آسرو پلجي نہ ٿو،
روح کي روڪيان گهڻو ٿو پر چريو جهلجي نہ ٿو.

دل چوي ٿي پوگڻائون، سڀ ٻڏايان يار کي،
سامهون ڏسندي ٿي هُن کي، سور ڪو سلجي نہ ٿو.

سوچ ايندي آ ڪڏهن، هر لڙڪ جو ونجي حساب،
چو الائي پوءِ بہ ابتو ڪو اکر اَلجي نہ ٿو.

ڪوڙ ڇهرا چند جهڙا، ٻيا بہ جيون ۾ مليا،
ويا سيئي نڪرائجي، ڪو روح ۾ رلجي نہ ٿو.

جنهن ڪچون ڪُرڙيون ٿي ڪاڏيون، سو نہ مارو ساڳيو
ڏووَ جو آهي زمانو ميٺ ڪٿ ملجي نہ ٿو.

مُکر شاڪر مڃيءَ جي ماءُ کي ايترو آسرو هوندو آهي جيستائين هُو ڪُنيءَ ۾ اڙ۔ رَڌو نہ ٿئي. هڪ نقل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوائن کي ڏيون ساهي

هوائون پار تنهنجي کان،
پرن تي پيار آڻن تيون،
سموريون ذهن جون سوچون،
مزا پوءِ خوب ماڻن تيون-
عذابن سان اڪيلائي،
تڏهن پوءِ ڪير ڪيئن پيئي،
اهو تورو هوائن جو،
چڙيون ڪيئن روح تان ريئي،
جڏهن احساس ڪو ليئي،
اسان جي هانو جي هنڌ تي،
تڏهن آهين اڙي سانئڻ،
اسانِ جي پُور جي پنڌ تي،
تصور تيز فيڪس کان،
اوهان سان پوءِ ملائي تو
دليئون دکڙا پلائي تو-
اِهو ميلاپ ماڻهوءَ لئہ،
وَڏي وٺ آ اڙي جانان
اسان وٽ آ لڙي جانان،
هوائن کي ڏيون ساهي
اسان لئہ وات جن ناهي
هوائون ٿهڪ ڏينديونَ پوءِ
رليون توساڻ ايندیون پوءِ-
هوائن کي ڏيون ساهي
هوائن کي ڏيون ساهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڻ تہ ڪو اسرار آهي

جو پرينءَ جو پار آهي،
چِڪ چاتيءَ ۾ انهيءَ جي،
جڻ تي ڪو اسرار آهي۔
ڪلهہ بدن جي باغ ۾،
خوب هئا مڙيتيا ٽڙيا،
چنڊ چهري تي ڪڙيا،
موهہ جا پوئنرا تڏهن،
ڪيئن نہ پلجي ها مڙيا؟
جي لڪان تو گيت هي،
منهنجي من جا ميت ۔ هي،
آ پرينءَ جي جيت هي۔
چو تہ جيون ۾ جڏهن،
هانءُ هاري تو وجهان،
پوءِ پرينءَ جي ديس تي،
واڳ واري تو وجهان۔
چو مان واريان واڳ تو
روح سانڍي راڳ تو
هيءُ کهڙو ڳجهہ اهي،
جو پيو تو سينو ساهي؟
هائو شايد راحتون،
ننڊپٽي جون چاهتون.
پوءِ اڏاري تيون وڃن،
ننڊ گهريءَ مان مونکي،
بس، اُتاري تيون وڃن،
ها پرينءَ جي پار ڏي۔
جو پرينءَ جو پار آهي،
جڻ تہ ڪو اسرار آهي۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيءَ ۾ جهاتي

تو ساڻ وفا جي خاطر مون،
رات بہ جيءَ ۾ جهاتي پاتي.
هانوَ تہ هائوڪار ڪئي پر،
چپ رهندين آن چپ چپاتي.
چا هي پنهنجا سور نہ ساڳيا،
جيڪي هڪبئي ساڻ ونڊيون؟
چا موهہ انسان جو متي آ،
جنهن کي لاهي جان ڇنڊيون؟
آءُ مڃان تو سونهن اوهان جي،
توکي وفا ڪجهہ مجيٺي پوندي:
جا "تون" ۽ "مان" جي پت آهي،
سا نيٺ اسان کي پيچٽي پوندي.
پوءِ تون بہ نہ رهندينءَ مان بہ نہ رهندس،
بيئي هڪبئي جا هونداسين:
ساهن جي سرهاڻ بہ ساڳي،
پاڻ بہ ساڳيا هونداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون هڪ اونهو ساهہ کنيو

ڪنهن مُرڪي مون کان رات پڇيو:
ڏس مارو ڪيئن تون شاعر ٿئين؟
ڇا ڪنهن جي مرڪن موهيو ٿئي،
يا سونهن جي پويان پلجي وئين؟
يا عشق جي ڪائي چوٽ لڳئي
جنهن توکان هي گيت لکايا؟
يا درد مليئي دل وارن کان
جن جي لئہ تو نيڻ تمايا.
ڇو جو تنهنجي شعرن مان
محسوس ٿئي ٿو درد وڏو.
ڪيئن پيڙائن سان پيار ڪيئي؟
جي وڻيون تو وٽ لاهي لڏو.
مون هڪ اونهو ساهہ کنيو
جنهن ۾ سارو ماضي هو
هُن کي چيم "ڇڏ ڳالهہ اها."
پيو دل جو درد تي قاضي هو.

محبت جي سفر تي هون

اِهي اندر جون رولاڪيون،
ڪيون جي يار چالاڪيون.
تيا دل ۾ وڏا ڌڌڪا،
هلايون سونهن بي باڪيون.
ايئن ناهي، نہ تا سمجهون،
مگر پوءِ ٻيي الائي ڇو
اسان اڄ جاڻ راهيءَ جيئن،
محبت جي سفر تي هُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦُلار جي رُت ايئن نہ وڃجانءِ

ڦُلار جي رُت ايئن نہ وڃجانءِ
ميار تيندئي.
اڃان پرينءَ سان مليون نہ چاتيون
اڃا اميدون پليون نہ آهن
اڃا هي اکڙيون رهن تيون آتيون
اڃا ڪڙهہ مون ڪليل رکي آ
اڃا انهيءَ ۾ اکين جون جهاتيون.
ڦُلار جي رُت ايئن نہ وڃجانءِ
ميار تيندئي.
اڃا چپن جون چميون رهيل هِن
پرينءَ ڳِنا يي اداس هوندا
چپن سان جيڪي گهٽو نهيل هن
اهي نہ هڪبئي سان ڪوڙا تينَدا
ڪئي انهن جا وچن ڪيل هِن.
ڦُلار جي رُت ايئن نہ وڃجانءِ
ميار تيندئي.
اڃا تہ ٻانهون نہ هار تيون هن
پرينءَ جي سهٽي ڳچيءَ سنَديون ۽
اڃا نہ مرڪون بهار تيون هِن
اڃا نہ جوين جي رَسُ پيتيَ
اڃا نہ اکڙيون خمار تيون هن.
ڦُلار جي رُت ايئن نہ وڃجاَنءِ
ميار تيندئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺٺي جي واءُ سان گهلندي

لڙيا جي لاڙ ۾ رُلندي
اُهي ٻوڙها اڙي سُهڻي
جوانيءَ چوهہ مان چلندي
وري ويتر کسي ويسهہ
ٺٺي جي واءُ سان گهلندي
اوهان وٽ پڪ پُڳا هوندا.
مگر بس چا ڪجي هاٺي
اسان ريءَ تنهنجي نيڻن ۾
ٻئي ڪنهن لئہ اميدن جي
انگورن جا ڇُڳا هوندا.
لڙيا جي لاڙ ۾ رُلندي
اُهي ٻوڙها پُڳا هوندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنسار وڏو منڊ آ

مارو جمالي

اڏام پبليڪيشن - دادو



.... نئين ٽهيءَ جا شاعر سچ بہ تہ باڪمال شاعر آهن، جو سندن شاعريءَ ۾ جذبي جي شدت، خيال جي انفراديت، وزن جي حوالي سان ورائٽي، تشبيهن، ترڪيبن جو حسن، قافيا، رديف اڇوتا، نج ٻوليءَ جو استعمال ۽ ٻين انيڪ خوبين سان سندن شاعري نبيٽار آهي.

مارو جمالي بہ اهڙن باڪمال شاعرن منجهان هڪ آهي، جن جي شاعري پڙهي سٺي شاعريءَ ۾ ايمان تازو ٿيڻ لڳندو آهي.

هتي هڪڙي ڳالهہ آءٌ واضح ڪندو هلان تہ مون وٽ سٺي شاعري ۽ وڏي شاعريءَ لاءِ پنهنجون تشريحون آهن. منهنجي نظر ۾ سٺي شاعري اها آهي، جيڪا نئين ٽهي ڪري پئي پر وڏي شاعري يا وڏي شعر جي ڳالهہ ٿيندي تہ بزرگ شاعرن کان وٺي نئين ٽهيءَ تائين ان جو مقدار گهٽ ملندو.

منهنجي نظر ۾ وڏو شعر اهو آهي، جيڪو ڪجهہ گهڙيون توهان کي بيهارڻ تي مجبور ڪري ڇڏي. شعر جي سحر ۾ لڙهي وڃو توهان، هڪ آه يا هڪ واه توهان جي چپن تي رقص ڪرڻ لڳي.

اياز جي لفظن ۾ روح گرمائي ڇڏي توهانجو، اداسين جي گفائن ۾ گم ڪرڻ جو ساهس هجي ان ۾. دل جي سڪل نوٽ ذرتيءَ تي وسڪاري جو ڪم ڪري وڃي ۽ اچانڪ چرڪ ڪيرائي ڇڏي توهان کان، تہ اهي ئي وصفون آهن وڏي شعر جون.

يقين ڪريو، مارو جماليءَ جي هن شعري مجموعي "سنسار وڏو منڊ آ" ۾ اهڙا شعر توهانکي ملندا. اهي ڪهڙا آهن ۽ ڪيترا آهن، اهو ڏسڻ ۽ جاچڻ توهانجو ڪم آهي.

مشتاق پرڳڙي

دادو

3 آڪٽوبر 2006ع

Design: Intel Communications, Hyd.

Price: Rs. 120-00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَمَ- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَڙهَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوء چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book